# ڪي جو پيچل تو ليو

## شيخ اياز



# ڪي جو ٻيجل ٻوليو

(سنڌي ڪلام جو مجموعو)

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1987ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر چوراڻوي

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد. |
| پهريون ايڊيشن | سيپٽمبر 1970ع |
| ٻيو ايڊيشن | مئي 1987ع |
| ٽائيٽل | فتاح هاليپوٽو |
| قيمت | 25/- رپيا |

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

KI JO BIJAL BOLYO (Poetry) Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition September 1970 Second Edition May 1987. Price Per Copy Rs. 25/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ديس جي عظيم محب وطن
محترم جي. ايم. سيد
جي نالي

”سچ سياڻي ڄا ڪري، ساڻي سامي ۽ روءِ.“ — شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪي جو ٻيجل ٻوليو، ڀنيءَ وڍي ٻانَ“...

(ڀٽائي — سورٺ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


مهاڳ -- (۱-۳۸)

• **منظوم ڊراما** [۹-۵۴]

دودي سومري جو موت ۹
رني ڪوٽ جا ڌاڙيل ۳۷

• **گيت ۽ وايون** [۵۵-۷۰]

ڪنڍيءَ نه سگهري، پير نه پلڙو.... ۵۷
ڪيڙو ڪيڙو ڪوهه ڪرين!.... ۵۸
جيجل منهنجو جيئڙو!.... ۵۹
ڪاريءَ ڪنڌيءَ تان ڪنهن جا په ڏيئا.... ۶۰
باک ڦٽيءَ جو بانورا!.... ۶۱
هٺ هٺ پيريون چاگريون!.... ۶۲
هٺ هٺ منهنجي چولڙي.... ۶۳
تون لنوائيندين به مون کي ڪيستائين؟.... ۶۴
وٺ جلائي ويهه!.... ۶۴
گهتر گهر جوت جلائي.... ۶۵
او ڪانئهه ۾ ڪونجڙيو!.... ۶۶
چوري پوءِ نه ڪيتڪي.... ۶۶
گيا گهر گها گهر گهاٽ.... ۶۷


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آپ ڪپر تي ناوَ، چنڊ پيو اپري!.... ٦٧
آڏا لڪ تہ ڏس!.... ٦٨
هيءُ نيرو آڪاس.... ٦٨
ڪنبُ نہ تون ڪاپائتي!.... ٦٩
ڳاڙها ڳيرو آئيا.... ٦٩
ونجهہ تکيرا وانجهيو!.... ٧٠

## غزل [٧١-٩٨]

سکي هوا ۾ هڳاءُ آهي.... ٧٣
چٽ پورا ڪيا گهڙيءَ تي مون.... ٧٤
لار تنهنجي لڳي آهيان لاٽا!.... ٧٤
ساڳئي پنهنجي پڇي، سنڌ پوءِ پيي پلي.... ٧٥
هاڻ منهنجو هرڻ.... ٧٥
جا خدا ڪان نہ ٿي، جا نہ امڪان ۾.... ٧٦
ٿي املتاس تان ڪوڪ ڪويل ڪري.... ٧٧
جهوپڙي باهران رات جهانجهر وڳي.... ٧٨
پيجل سواءِ پي تہ لکا ناءُ لوڪ ۾.... ٧٨
هيءِ هرڻ بانورو ڪيستائين هجي؟.... ٧٩
پہ ٿي نينگريون، چانڊنيءَ ۾ پڙھ.... ٧٩
ڪونج ڪرڪي پئي ڪا اُتر پار جي.... ٨٠
دُور ٿيندا وڃن روز جو ڳيڙا.... ٨٠
ڪيت ڪُورا ٿيا، ڏينهن ڏاڍا تتا.... ٨١
تو جلي هي جبل، لوءِ هوريان تہ هل!.... ٨١
رات جي راڻيءَ ڪٿي ڦلهار آ.... ٨٢
اڄ ڏسي ڳاڙها ڪڪر آڪاس ۾.... ٨٢
هيءِ سيارو، هوا، منهن تي مات!.... ٨٣
شاعري جي روح گرمائي نہ ٿي.... ٨٣


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| ڪوناريءَ جڙن ڪيتي بندر.... | ١١٣ |
| لاڙي وينگس.... | ١١٤ |
| واڙيءَ ۾ ويڙهاند ڪيائون.... | ١١٥ |
| موت تنهنجو جلاوطن ماڻي!.... | ١١٦–١١٧ |
| ڦُوِلان هڪ ماچاڻي هئي،.... | ١١٨–١١٩ |
| ڪاري رات، ڪُوپري ڦُڙ ڦُڙ،.... | ١٢٠–١٢١ |
| ڪارو ڪانگ پريان پُونم ۾.... | ١٢٢ |
| گهايل سُوار ڪي.... | ١٢٣ |
| هو چون ٿا_.... | ١٢٤ |
| جت لُڪُ لڳي، جت اڪَّ تپن.... | ١٢٥–١٢٦ |
| ڪٿي تہ پيچبو ٽڪّ.... | ١٢٧ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪي جو ٻيجل ٻوليو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي ماءُ، منهنجون چڳون نہ وڍ! وڍيل وڻ تي
بازَ نہ ويهندا آهن.
(هڪ پشتو لوڪ گيت)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

شيخ اياز جي شعر جو هيءُ ٽيون مجموعو آهي، جو ڪتابي صورت ۾ پيش ٿي رهيو آهي. سندس پهريون مجموعو، ”ڀؤنر ڀري آڪاس“، جون ١٩٦٢ع ۾ ’پاڪستان رائيٽرس گلڊ‘ وارن ڇپرايو، جنهن کي سنڌ دشمن ون-يونٽي حڪومت، سنڌ ۽ سنڌي ادب جي بدخواهن جي چرچ تي، ٻه ورهيه پوءِ، مئي ١٩٦٤ع ۾ ضبط ڪيو. سندس ٻيو مجموعو، ”ڪلهي پاتم ڪينرو“، ١٩٦٣ع ۾ شايع ٿيو، جنهن کي پڻ پنج سال پوءِ، ١٩٦٨ع ۾ ساڳيءَ حڪومت ساڳين ماڻهن جي چور تي ضبط ڪيو. تنهن کان پوءِ سنڌ جي هن بي‌مثل شاعر ڪافي ڪجهه شعر چيو، جيڪو سنڌ جي بحاليءَ ۽ خود اختياريءَ جي جدوجهد هلندي، وقت بوقت، خاص طرح ماهياني رسالي ”روح رهاڻ“ ۾، ڇپبو رهيو. اُن دور جو سندس شعر، جنهن ۾ ”جل جل مشعل جل!“، ”هي گيت اجايل سورن جا“ ۽ ”رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ جا نندا ڳٽڪا ۽ ڪيترو ئي ٻيو ڪلام شامل آهي، ۽ جيڪو مارچ ١٩٦٩ع ۾ لڳل ٻئي مارشل لا تائين دور جي پيداوار آهي، ”وڄون وسڻ آئيون!“ نالي هيٺ گڏ ڪيو ويو آهي، ۽ اميد ته ترت ئي الڳ ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو. هيءُ مختصر مجموعو، جيڪو ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ جي نالي سان هتي پيش ٿي رهيو آهي، اُن ۾ جيڪو به شعر آندل آهي، اهو مارچ ١٩٦٩ع کان پوءِ جي ٻن مهينن جي عرصي ۾ تخليق ٿيل آهي. شعر جي مٿين ٻن ڪتابن جي ضبطيءَ کان سواءِ، اياز جو هڪ نثري ڪتاب، ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي سنڌڙي، منهنجي سنڌڙي، سنڌڙي منهنجي ماءُ!

•

مرنداسين ته مٿيءَ مان پنهنجي ڦٽندا سرخ گلاب....

•

پري پري پيءُ، جيسين جيئين، گهڙيءَ گهڙيءَ جو جام....

•

جيون-نيا منڙي سِرَ ۾ پٽيي ڪجهه ڳائي....

•

ترس اي حسنِ ازل، اڄ ته منهنجو روح رڇجي ٿي نٿو!

•

اي زمانن جا ضمير! تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

•

راتڙي، هيءَ نور جي برساتڙي....

•

مسافر سوين ڪاروانِ عَدم جا، ڪٿي سڀ الائي ويا، ڪير سمجهي!

•

تو تان واريان جند، منهنجي منڙي سنڌ!

•

ڪنهن جي لاءِ ڪماچ، صديون رهيو سانت ۾؟

•

تو جا سمجهي سيٺ، سا آڳ آئي آنمول....

•

سنڌڙي تنهنجي ساهه جرڪيو منهنجي جيءَ ۾....

•

روئي بيٺي رت، سڏڪا پري سنڌڙي....

•

ڪڏهن ڪِرندي ڪاڪ، ڪڏهن ملندو مينڌرو؟

•

اوري اڄ ته آگهان، ڳوڙها تنهنجي ڳلن تان....

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شال وسن او سنڌڙي، تنهنجا ڪيت وسن!

•

ڪانئرُ ڳوالي ڪالهه، سياڻي سرويچ جو....

•

ڌرتي منهنجو ديس، مگر مان سنڌڙيءِ جنڊڙيءَ لايان....

•

سنڌڙي، مون کي سڌ نه ڏي، تون چپ چو آهين، چاهي!

•

اي ڏورانهان! ڏسڪي تو ڏي ڪيسين پنهنجا نيڻ ڪٽان؟

•

سنڌڙي تنهنجو ساهه ”اياز“، مري نه ٿيڻو آهي مات....

•

ڪرندا آخر ڪوٽ ڪڏهن، ماروئڙؤ! او ماروئڙؤ!

•

ٻولي ڳولي ناهه ”اياز“، اُن جو وس فقط واڪو....

•

تنهن جيئڻَ کي آڳ لڳاءِ، جنهن ۾ ناهه ڪرَمَ جو قَلُ....

•

او منهنجا محبوب وطن! توسان ساڳيو لونءَ لڳاءُ....

•

سهنجو سمجهه نه سيت کي، نور نچوئي لڪ!

•

ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ، ٻوءِ ٻه نعرا نبهن جا،
سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ، مرنداسين پر مرڪندي!

•

هِن گهڙيءَ، هِن ويرَ، هندي ڪاٿي موت ڏي؟

•

سنڌڙيءَ شاهه لطيف جي، اُهر نه ڪو لوڏو....

•

سُک نه سنيري سنڌڙي، اُيري سج لٽا....

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهات ڌتان ڳهنگهور ڳهٽا ۾ اڇڪلهہ جو انسانُ....

•

سايا ۽ سپني ۾ ويچا جو بہ سِٽائي، ٻول اُنهيءَ جي ٻانهڙي آهيان....

•

ڳاڙها ڳاٽ، سگهارا ڳڀرو، پنڌ، ٻرينءَ جو ڀُور،
الو ميان! ديسُ نہ دل کان ڏُور....

•

سَنڌَ سهانگي، مڻ مهانگو، سر جو سودو ڪير ڪري!
ـــ موکي ويني سَٽَ پري!

•

ڳڀرو ڳهرا، ديسُ اسارو، موڳو منهنجو مَنُ....

•

عشق عقاب، پکي پرڏيهي، جهڙپ ڏئي تو جهٽي!
ـــ ڪير اُنهيءَ کان ڪٽي؟

•

سنڌڙي، تنهنجو نانءُ وٺون، چڙهہ ڪاريهر تي پير پيو....

•

هيءَ پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ، پر سنڌ "اياز" نہ مرٽي آ!

•

هي ماٺهو وِهہ جو ڏُڪهَ تيا، جئن لُڪهَ لڳي تئن رُڪهَ تيا....

•

ميهار ملڻ جي ويلا آ،
ڪر ڳانهہ ڳهڙن ۽ ڳهيرن جي،

—

ڳُجري توتي، ڳَچ تہ آ، پر
جُهڙ ۾ ڪاوا جهڙا ڪڪ ـ چِرَ تي چوهُہ، چِمر جا پاچا....

—

تانگهہ نہ تاڙي تانگها تڙ، اوُتڙ آءُ ميان!....

—

تون تہ ڪنڌيءَ جو ڪانڌ سيان،
هاءِ ڪنڌيءَ ۾ منهنجو من!....

اوءِ ڪجري ڳڄن، پير هوريان تہ ڌر،
هاءِ گهاگهر نہ ڇلڪي پوي!....

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي
ڪوئي تہ تماچي اچڻو آ!....

جنهن وقت بہ ڪو، مون گيت ڇيو، هن ڌرتيءَ جو
ڄڻ ڪوئي قرض چڪو آهي....

رات آئي وئي، تون نہ آئين ڪٿي،
ماڪ ۾ مينڌرا ڪاڪ، روئندي رهي!

ڇڏندڙ پئن وڇوڙيل يار، ڳالهہ تہ هڪڙي ٻڌائي....

ڪنول ڪنول تي تنهنجا ڳل، ٿيندي ماڪ سهل....

انڌو آپ انڌاري ڌرتي، ڏيئا ڏيئا ڳات اسان....

پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو آپ تائين جهوليندو،
اهڙو ڏينهن بہ ايندو!....

پنهنجي پنهنجي ڏينهن ۾ توڙي پوءِ هي ۽ اهڙيون ڪيتريون ئي منڊيءَ تي ٽِڪ جيئن جڙيل هيرن جي لڙهين ۾ پڙتال سيئون سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ مصروف نوجوانن، اديبن ۽ ادب سان واسطي رکندڙ هزارها مائهن جي ورد زبان رهيون ۽ انهن لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عڪاسي هن مجموعي جي باقي شعر جي گهڻي ڀاڱي ۾ پڻ موجود آهي. مثلاً، هينيان گيت، غزل ۽ نظم اِن سلسلي ۾ پڙهي سگهجن ٿا—

هٿ هٿ پيريون چاڱريون!
هٿ هٿ آرتيون آڱريون! (ص. ٦٢)

•

وٽ جلائي ويهه!
آئي رات اماس جي.... (ص. ٦٤)

•

گهر گهر جوت جلائي،
سانجهي آئي.... (ص. ٦٥)

•

آڏا لڪ ته ڏس!
چنڊ پيو آيري.... (ص. ٦٨)

•

ڪنب نه تون ڪاپائتي،
ڪنبڻ واريون ڪوهه ڪتينديون! (ص. ٦٩)

•

ٻاڙها ڳيرو آئيا—
دولهه منهنجي ديس جا! (ص. ٩٠)

•

ونجهه تکيرا وانجهيوا!
گهاٽ پري آهي.... (ص. ٧٠)

•

چيٽ پورا ڪيا گهڙي تي موں،
ڏس، نهائين اجا تتيي نه تتيي! (ص. ٧٤)

•

شاعري، جي روح گرمائي نه تي.... (ص. ٨٣)

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر منزل کان اڳتي وڃ!
ڪنهن منزل تي بيهه نه ٿار! (ص. ٨٧)

•

تي ماڪ وسي ميخاني تي،
ڪي رند ڪڙو ڪڙڪائين ٿا.... (ص. ٩٧)

•

ڇا سوچاڻ تو مان! ڪيئن ڇوان! (ص. ١٠٧)

•

دل روز چوي تي دور وڃان.... (ص. ١١٢)

•

گهايل سوار ڪي
ڪارا ڪميت تون،
ڪيڏانهن نيندين!.... (ص. ١٢٣)

•

جت لڳي ليڪي، جت آڪ ٽپن،
سو ديس، مسافر، منهنجو ڙي! (ص. ١٢٥)

•

ڪٿي ته پيچبو ٽڪ،
مسافر،
ڪٿي ته پيچبو ٽڪ!.... (ص. ١٢٧)

ادب ۽ فن جا ڪي نقاد اعليٰ ادب ۾ انهيءَ نموني ”پنهنجي وقت جي مسئلن جو ذڪر پنهنجي وقت جي ماڻهن لاءِ“ نه رڳو غير ضروري پر معيوب سمجهن ٿا، سندن راءِ موجب، ادب ۽ فن جي آفاقي ڪيفيت زمان ۽ مڪان جي اهڙي تعلق سبب قائم رهي نٿي سگهي. هنن جو چوڻ آهي ته ادب ڪنهن خاص قوم يا ڪنهن خاص وقت لاءِ نه بلڪ عالمي اهميت جو ۽ مستقبل يعني ايندڙ نسلن لاءِ هوندو آهي. هو ادب جي سماجي ڪارج کان گويا هٿ

ٿي ويو هو. اياز پنهنجيءَ ٻوليءَ کي ڪتابي ٻوليءَ مان ڪڍي ۽ عوامي ٻوليءَ سان مالامال ڪري، اُن کي اِيڏي وسعت ۽ تازگي ڏني آهي، جو سنڌي شاعري سموري بند ٿيجي هڪ ڦيرو ڦيهر اڳتي وڌي آهي، ۽ اُن مان نوان لفظ نيون ترڪيبون ۽ نوان قافيا هاٿي ڪٿائي نه آهن ۽ ان جي فڪر ۽ جذبي جي اجهل پالوٽ هاٿي ٻيهٽي ٿي نه آهي.

آخر ۾ مان هي لکيءَ اياز جي هن ڪلام جو هيءَ مهاڳ ختم ٿو ڪيان ته شايد ٿي ڪنهن شاعر پنهنجي شعر ۾ فن ۽ انقلاب ٻنهي کي ايترو هڪ وقت اُڀاريو ۽ اُجاگر ڪيو هجي، جيترو اياز ڪيو آهي. نئين انقلابي سنڌ اِن جي جيئري جاڳندي ثابتي آهي ته ڪيئن هڪ عظيم انقلابي شاعر پنهنجي فن جي ذريعي قوم جي تقدير ڦيرائي سگهندو آهي. سنڌ جي امر شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ فن جي مقصديت جي باري ۾ کهڙو نه چڱو چيو آهي—

ريءَ مصلحت مگڻا، قصر ڪين اچن!

حيدرآباد سنڌ

٢١-٧-١٩٧٠ع

م-ا-ج

# دودي سومري جو موت

(منظوم ڊراما)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اڻڪت پڙيون

[خيمي ۾ شمعدان ٻري رهيو آهي. چنيسر شراب پي رهيو آهي ۽ چنيسر جي سرّيت، ڇولي ڪنيارڻ، نچندي ڳائي رهي آهي.]

ڇيڻو ڇيڻو، ڇيڻو ڇيڻو!
ڇڻن ڇڻن ڇڻن ڇڻن—
ڪاري رات، اڀرو ليڻو!
ڇڻن ڇڻن ڇڻن ڇڻن—
تڪي نيڻ وساسي ڏيڻو!
ڇڻن ڇڻن ڇڻن ڇڻن—
ڇيڻو ڇيڻو، ڇيڻو ڇيڻو!
ڇڻن ڇڻن ڇڻن ڇڻن—
ڇڻ ڇڻ، ڇڻ ڇڻ، ڇڻ ڇڻ، ڇڻ ڇڻ—
ڇڻن ڇڻن ڇڻن ڇڻن—
ڇڻ......ڇڻ......ڇڻ—

چنيسر (ڪيپ ۾ اچي)—

هر شيءِ اڇڻي وڃڻي آهي،
هر شيءِ پيري پڇڻي آهي.
جيڪي آهي سو هي پل آ،
موت اٽل آ، موت اٽل آ—

موت اسان جو ٻاڇو آهي،
ڪارونجهر آ ڪاڇو آهي،

منڇر آهي، ميانِي آهي،
ساوڻ جي سومهياڻي آهي،
وِيساکيءَ جي ويرا آهي،
تنهنجا مُنهنجا ڀيرا آهي،

تُوسان مون سان چايو آهي،
اڻ-ڄاتي سان آيو آهي،

اڻ-ڄاتي ۾ وڃڻو آهي،
ڪنهن جي مورُ نه ميڄڻو آهي.

هِن ڌرتيءَ تي ڪيئي آيا،
جن ڌرتيءَ کي ناچ نچايا؛

اڄ ڪو تن جو نانءُ نه آهي،
ٿَهر ڪٿي؟ ٿَر ٿانءُ نه آهي-

پِرِٿِيُونئي جو پارُ نه ڪوئي،
سِٺِيءَ جو ماندڻ نه ڪوئي؛

هيڻن چوي يا هُوڻءَ چوي ڪو،
موت ڏٺي تو ڪنهن کي ٽيڪو؟

هرڪو سَچُ آسَچ ڪَري ٿو-
ڪنهن ماڻڪ جيئن موت ٻَري ٿو،

جَنهن جي ٽِڪ حياتيءَ ۾ آ،
هر ماڻهوءَ جي ڇاتيءَ ۾ آ-

ڇا ڪو اهڙو ٻاجهوڪڙ آ،
پيُونءَ سَٿان ڪو اهڙو پَڙ آ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو اُن ڪان آجو آهي؟
هر ماڻهو هڪ ٻاجو آهي،
جنهن جي سر ۾ موتُ پريل آ—
هَر پَلُ من تي مُنگُ ڏريل آ؛
جي هَرڪنهن کي مرڻو آهي،
ڪو واپس ٻه نه ورڻو آهي،
ٻو هي سارا سَنڌ اجايا!
سَارا گهڻڌ گهمنڊ آجايا!
کُوڙو سارو آپو آهي،
ڪانو سَپ جو ماپو آهي؛
ڏنهٔ ونئي چا، ڏنهٔ ڏئي چا،
ناسُ ڪري چا، ناسُ ٿئي چا!
ماڻهوءَ جا ايمان ٻه مِٿي،
آنِ ٻه مٿي، شانَ ٻه مِٿي؛
ڏوهيءَ جو ساٿيهُه ٻه ساگيو،
بي ڏوهيءَ جو ڏيهُه ٻه ساگيو؛
ڇو جو هرڪنهن کي مَرڻو آ،
پنِءُ جو اونهو پيپُ پرڻو آ—

[هڪ هٿ سانِ چوليءَ
جي چڳ وٺي تو ءِ
ٻئي هٿ سانِ صراحيءَ
سانَ پيالو ڀري ٿو]

پلِ تہ هُجي پوءِ لٿولو لَڳو،
مُٺي وَليءَ ڪان ڪٿو چڱو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي متواري، مٺي پنڇاڻان
سچ اُڀري ٿو، مان ڪئن ڇاڻان!
سڀڪجهه هيءُ جڳاٽو آهي،
چوڏس رات، چناٽو آهي؛
سونٺي جي ٽهڪار به آهي،
۽ ڪا ماڪيءَ آر به آهي،
تنهنجي تاريءَ جوڙي تن تي—
ساري رات انڌيري ٻن تي
ڪويل جي ڪوڪار ڇڳي آ؛
۽ سا سندر نار ڇڳي آ
جيڪا، پنهنجا ڦل آڇي ٿي،
چار رسيلا ڦل آڇي ٿي.
تاڙيءَ ڏول ڪجيءَ جي وڻ ۾
ساري رات لُڏي ساونڻ ۾،
رچي وچي ٿو اهڙو رس ۾،
آگ لڳائي ٿو نس نس ۾!
ڏاهپ جو آ ڏس اِهوئي،
جيئڻ جهڙو جس نه ڪوئي.
سوت رڳو انڌيارو آهي،
مٺ هڏن تي مارو آهي.

چولي —

ڀائين آءُ ڪنيارڻ آهيان،
هونءَ نه ڪائي ڏاهي ناهيان
پر مون هڪڙي ڳالهه ڏٺي آ
— جنڊڙي مون کي پوءِ به مٺي آ—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[۱۵

آويءَ ۾ ڪيئن ٿانو ڀڄن ٿا،
۽ ڪئن ٽين ٽي چيٿ" آچن ٿا!
ٽن ۾ ڪوئي پيالو آهي،
ٿوري چوٽ آنهيءَ کي ڊاهي؛
ها، پر جيڪو پڪو آهي
تنهن جي ڀڃ ڀڃ ڪنهن کي ناهي؛
ڳهڙا ڏنا مون ڪيئي ڪورا
گهڙا سنجيءَ ٽان ڪرندي ڀورا—
ها، پر پوءِ به 'ڳهڙولي' تن ٽي،
ٻاجهارن جي ٻولي تن تي،
ڪيڏي پياري لڳندي آهي!—
۽ مٽيءَ جي پيالي ڇا هي!
پر جي آن ۾ سڌ پريل آ،
ڙواهه ۾ ساري رات ٽريل آ،
ٻوئين پهر آنهيءَ جي سرڪي
پيتي آ جنهن سُرڪي سرڪي،
آن جي عمر سڄائي آهي—
سِٽي هڙنءَ آجائي آهي،
مٽڙ وڏي معنيٰ آ سائين!
ٽر ٽر مٽيءَ ۾ ڇا آ سائين!

[چنيسر ڪُجهه وقت ٿُبيءَ ۾
اچي وڃي ٿو، ۽ پوءِ سُنهن
مٽي ڪري، چوليءَ کي ڪا
دير گهوري ٿو، ۽ هُن کي
ٻئي گيت ٻڌائڻ لاءِ چوي ٿو.
چولي هڪ واڻي ڳائي ٿي.]

چوليءَ — رٺو آهي واسُ وڃي
هونءَ تہ ڳالڙا روز ڇڻن ٿا!
هيڪر ٿي ھُبڪار هئا ۾،
سارا پوَ جا پيولَ پڇي-
هونءَ تہ ڳالڙا روز ڇڻن ٿا!
پورا، وڻُ، وڻُ واسي، ويندين،
جيي تو مُنهنجي ڳيالهہ سڄي-
هونءَ تہ ڳالڙا روز ڇڻن ٿا!
رٺو آهي.......

[راڳُ اڌ ۾ رُڪجيو وڃي
ٿو. علاؤالدين خلجيءَ جو
سپهہ سالار، سالار خان، خيمي
۾ بنا اجازت گهڙي اچي
ٿو. ۽ چنيسر کي ٻڌائي
ٿو تہ ديودي آڻ سڄڻ کان
انڪار ڪيو آهي. چنيسر
هُن کي شراب جو پيالو
ڀري ڏئي ٿو، جو هُو هڪ
ڳيت سان پي وڃي ٿو،
۽ پوءِ ٻيئي دوهڙي جي
چانوڻيءَ تي شبخون هڻڻ
جي سيٽ سٽن ٿا.... چوليءَ
حيرت مان ٻنهي کي ڏٺي
ٿي. ان وچ ۾ سالارخان شراب
جا ٽي چار پيالا ڳيت سان
پي وڃي ٿو ۽ نشي ۾

آچي چوليءَ کسي ٻانهن
کان چڪي ٿو. چولي
هٿن کان پاڻ ڇڏائي چنيسر
کي چنبڙي ٿي.]

چنيسر (ٺهڪ ڏيئي)— ها ها ها ها، ها ها ها ها!
اوهو اوهو، آ ها آ ها!
’هڙنءَ تہ گڏڙا روز چٽن تا‘
—پر هرڪنهن کي پوءِ بہ وڻن تا!
عورت ڪوئي جادو آهي،
چانڊوڪيءَ ۾ خوشبو آهي،
۽ خوشبوءَ تي ڪو ٻيو پونرو،
آهي رس جو لوبي پونرو.
منڌ ڪستوريءَ دبلي آهي،
آن کي ڪولي جو بہ وراهي،
آن جي خوشبو ڦهلائي ٿو،
هر ڪنهن جو من گرمائي ٿو.

[سالار خان ڏانهن ڏسي،
چوي ٿو—]

هي جو منهنجو ڪاڄ بہ آهي،
تخت بہ آهي تاج بہ آهي،
همتؔ بہ آ هشيار بہ آهي،
۽ ويريءَ تي وار بہ آهي،
تنهن کان تو کي آءٌ ڇپايان—
اهڙو آءٌ آياڻو ناهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٨

ڪيپ ڪنهي ڪان گهٻرائين ٿي!
وڃ، وڃ، ڇا لاءِ شرمائين ٿي؟

[چنيسر چوليءَ کي ڏکو
ڏئي ٿو، ۽ سالارخان هن
کي ڦاڙ ڏانهن ڇڪي ٿو،
۽ چوليءَ جي مونڊي جي
چولي ڪلهي وٽان ڦاٽي
پوي ٿي. پردو ڪري ٿو.]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ائڪٽ ٻيو

## پردو پهريون

[اڌ رات جو وقت آهي. دودو پنهنجيءَ پيڻ ٻاگهيءَ سان خيمي جي ٻاهران اونداهي آسمان ڏانهن ڏسي رهيو آهي.]

دودو — ڪجهه دير ٿي، جا چانڊوڪي
اڄ اوندهه اُڀري آ روڪي؛
گهنگهور گهٽا جو گهيرو آ،
ڪيڏو نه هوا جو ڦيرو آ!
ڇا گهگهه ڪَري ٿو گهڙن گهڙن!
ڪنهن وقت قناتون تنبوءَ ڇڄون
هن ساري تنبوءَ ڪي ڌاهي،
آڌري به وڃن ته عجب ناهي!
هر شيءِ ڌانوا ڌولُ لڳي ٿي....
پر ڪا چيز آڏول لڳي ٿي!
هي ماڻهوءَ جو مَن جو آهي،
هر ڏونگر ڪان ڏاڍو آهي؛
ڏس ته ڪيهه ڪان ڪونئرو آهي،
ڇڻ پاڻيءَ جو پڙثرو آهي؛
پنهنجيءَ تي جنهن وقت اچي ٿو،
تنهن ۾ آڪاسُ ڏڏي ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ٻاگھيءَ ڏانهن ڏسي،
چوي ٿو-]

ٻاگھي ـــ

تارا اُن لئه هيٺ جهڪن ٿا،
پربت اُن کي سجدو ڪن ٿا.

خلجي تنهنجو سڳٽ گهڙي ٿو!
تخت چنيسر لئه چاهي ٿو!

تاج هجي يا، تخت هجي يا،
سونو روپو بخت هجي يا،

ساٿهوءَ سوهه آجايو آهي؛
ساٿهو ننگو آيو آهي

ننگو سونتي .وچٺو آهي-
پر هي توکي مٺو آهي،

تنهنجو تخت امانت آهي،
سارو بخت امانت آهي؛

هونءَ تہ ڪئي راجا آهن،
ساٿهو تو سان آجا آهن-

ڏڏڏ مکڻ هر ڏيري ۾ آ،
سائو وڻ هر ڏيري ۾ آ،

سانجهيءَ تائي سانگ تين ٿا،
پائي پائي سانگ تين ٿا؛

ڪيڙي پنهنجي ڪيتي واڙي،
سڄي لئي جو سارا لاڙي

ڦلڙيءَ وارا آجرڪ بائي،
تڙ تي راٺو ڳائي ڳائي،

پنهنجي دک کي دور آمائي،
سک جي ننڊ سمهن ٿا هائي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تون پنهنجو تاجُ ڇڏيندين،
گڏندر ۾ هر جيءُ گڏيندين.
هُو ڏاريا جي پيرَ ڏَرن تا،
ڏرتيءَ کي پڙيانگ ڪَرن تا_
ڏَرڙ منجهان ڪوراڙ اچي تني،
اُنَ ڪان ڪا شيءِ ڪانہ بچي تي؛
ٻُوٽن سان ٽيتريءَ جا ٻَچّا،
گِرڪائي تي ڏائڻ ڪَچّا؛
جي تو آ ڪوراڙ ڏني ڪا،
هي بہ ڏنو تي اُن جا ليڪا.
مينّيءَ تي جو وقت رَهن تا،
سَپُ ساسي تن ڪان ڇيرڪَن تا؟

[ڊودي جي ڇاتيءَ تي
هٿ رکي چوي ٿي-]

هَر ماڻهوءَ ۾ جيءُ بہ آهي،
تنهن ۾ هُن جو پيءُ بہ آهي_
ڏاڏو، پَر ڏاڏو، تَر ڏاڏو
روز اچي تو هُن کي آڏو،
نانو، پَرنانو، تَرنانو
هُن کان ناهہ ڪَڏهن بيگانو؛
جي تن ۾ کو ڪانئرُ آهي،
ٻُٽّ ٻَڏي تو هُن تي ڪاهي؛
هُن ۾ سَچّ گُهتي تو هَر هر،
هُن جي سگهہ لُٽي تو هَر هر.
رَت ٻُنءَ جو هي ٻُتلو ڇاهي؟
پيڙهيءَ جو پيا ڇائون آهي!_

جـي تون وڙهندي ماريـو ويندين،
ڏين وستيءَ تـي واريو ويندين،
دودا! تنهنجو ساهُه تـه ويندو
ماٺهوءَ جـو ويساهُه نـه ويندو؛
تُنهنجا پُٽ نـه تـه تنهنجا پوٽا
رهنـدا تـوسـان پُورَ وچـوٽـا،
آزاديءَ لـَئـِه رڙهـنـدا آخـر،
رڙهندي رڙهندي وڙهنـدا آخـر؛
تن جي لاءِ مثالُ چِـٽي وڃـ-
ۦ جـيَ چاهين خالُ چِـٽي وَ ڃ....
مون لـَئه تون جيڪو بـه قبولين
خاجي، ڪُتو، جـو بـه قبولين!

دودو —

تُنهنجو. مُنهنجو خُون بہ ساڳيو،
جيئڻ لاءِ جُنون بـہ ساڳيو؛
هيءَ جـا ڏاهـي ڳالهه چئـي تو،
مُنهنجي دل جي ڳالهه ڪـئي تو-
مـاٺهو چـيـڪ- بـنـوڙو نـاهـي،
گونـگو نـاهـي ٻـوڙو ناهـي،
مـاٺهـو سـارو راز بـہ آهـي،
پـر ڪـوئـي آواز بـہ آهـي-
پاڻيءَ تـان جـو سـانءِ اُڏاڻي،
جِڻ ڪا جَر تان جهانءِ اُڏاڻي؛
مـوتُ تـہ هڪ پـاڇـاڙون آهي،
اُن جـي ڪابہ حقيقت ناهـي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها ڪائي شيءِ پانءِ رهي ٿي،
هِن جندڙيءَ جي جهانءِ رهي ٿي؛
ٻِـونبِـرَ مَـنجهہ ڀُڪاري ٿي جا،
وِيَـسر ڪـي والاري ٿـي جـا،
ڇَمِهہ مَرڻ جـو تَتُ تئي ٿي،
سَنگهہ تئـي ٿـي، سَتُ تئي ٿي.
ٻاگهي! جـي اڄ جانِ ڏيانِ مانِ،
هِن ڏرتيءَ تي گهورَ ٿيان مانِ،
سَچُ چَوين ٿـي ساهُہ تہ ويندو،
ماڻهوءَ جـو ويساهُہ نہ ويندو.

[پريان چولي ٻوڙندي آچي ٿي، ۽ دودي جي پيرن تي ڪِري، سُڏڪا ڀري ٿي-]

جيئين شـال سـدائـيـن دودا!
او سـونـهـارا سـائـيـن دودا!
سُرَ سُپنو آ، مُونَ جـي ڳايو،
هـي سـارو سـنـسار سـمـايـو
سُرُ جـي نيريءَ سُندرتـا ۾؛
پيڙهـيءَ پيڙهـيءَ جـي پيڙا ۾
ڪائي ٿَـهر اچـي وئي مون سانِ،
سُک جي لهر آچي وئي مون سانِ؛
مانِ گهنگهروءَ جي ڇَم ڇَم آهيان،
جـي ڌرتـيءَ تـي پير نچايـان،
ڇِنَ ڇِنَ ڪَنَ تارن جا سِڪا...
ڪجهہ بہ نہ آهن سونا سِڪا،
جين تي پنهنجو پاڻُ وڪيو مون؛
پوريءَ تي جـو پاڻُ وڪيو مون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن تي چنڊ جهڪي ايندو هو،
سارو منڊ جهڪي ايندو هو.
منهنجو ڪوئي آگهڻ نہ آهي—
ها، جي ڪوئي مون کي چاهي،
پنهنجو ٻڪ ڪنول جئن آڻي،
موتي هاري، مون کي ماڻي....
ماڪ اکيان کو موتي چاهي،
آليءَ اک جو آگهڻ نہ آهي!

پر مون پنهنجو قدر نہ ڄاتو،
هاءِ! ڇنيسر ڪي نہ سڃاتو؛
ڪهڙي جادوءَ ۾ جڙجي مون،
ڪهڙي ڪاڻ سان آڙجي مون،
پنهنجي عمر گنوائي آهي!
اڄ جو منهن تي ڇائي آهي

۽ مان انگ - اُگهاڙي آهيان،
ڇڻ مان ڪا ڦُلواڙي آهيان
جنهن جا ڦول لتاڙيل آهن،
ويڄهيءَ ڇڪ اُجاڙيل آهن،

تنهن جو ڪارڻ آءٌ تہ آهيان....
ڇو مون ڪونہ سڃاتو چاهيان؟

ڏوڙ ڇنيسر، سارو ڏوکو،
سونهريءَ ۾ سپ هيو ڪو!
ڪوڙ هٿان جي ڪاچ سري تو،
تاج رکيو تاراج ڪري تو.

جو به ڏڻ تي پير ڌري ٿو،
هيٺ وڃي ٿو، نيٺ مري ٿو....
ڪنهن بہ ڏڻ ڳرڪائي ناهي،
دودا سائين! اڄ هُو ڪاهي،
راتاهي لئہ اچڻا آهن۔
اهڙا ڏاڍا ڪي ٿيندا آهن!

[دودو چوليءَ کي ٻانهن
کان ڇڪي، اُتاري ٿو.]

دودو ـــــ

لڄ جيان ڪا ناهي لوئي،
ڪُوڙ وڻان ڪنهن وقت بہ ڪوئي،
پنهنجو پاندُ ڪري جي آجو،
تنهن کي تہ پڇتاءُ تہ چا جو؟
سچ تہ ڪوئي ڪٿي آهي،
جنهن جو ڪنيپ سدا تو لاهي،
پاپ. پڇاڙي، مير مٽن جو.
آجرو اندر آهي تن جو،
ڪوڙ وڻان جي دڙ پڄن ٿا....
سي ڪاهيءَ مان نيٺ ڪڇن ٿا،
جن جي رڳ رڳ رَسي آهي.
سچ سوا بي چَسي آهي
ماڻهوءَ جي هر رهڻي ڪهڻي.
توکي پيڙ پئي جا سهڻي،
تنهنجا ڳيتَ اُجاري ويندي،
تو ۾ ڏينا ٻاري ويندي.

[ڀاڳيءَ ڏانهن ڏسي ٿو-]

ڪُوڙا ڪانئر جا سڀ سنگي-
هاڄ جڏهن آهي هٺ-سنگي،
ڪُوڙ سندس ڪچڪول پري ٿو،
۽ پينو جنهن وقت تري ٿو،
ڪُوڙ اُنهيءَ تي ٿڪ ڏئي ٿو،
تنهن چادر کي ڇَهڪ ڏئي ٿو
جا هُن مُنهن تي اوڙهي آهي-
ڪُوڙ پرائو ڪوڙهي آهي،
اُن کي جنهن به ڇُنو ڀڃتايو،
بيڪَ وَتي جئن، ڪوڙهه پرايو.
ڇا به ڇنيسر سمجهي هاڻي،
مون جئن هُن کي ڪونه سُڃاڻي،
جنهن جي ڏور پرائي وَس آ،
ناچ ڪندي، ڪيڏو بيوَس آ!
ڇاهي ڏور، ته اُن کي ڊاهي،
ڇَٽ ڏئي، پوءِ پَٽ تي لاهي،
ناهيَ، لاهي، ڊاهي اُن کي،
ناڪوليءَ ڪان ڪاهي اُن کي.

ڀاڳهي—
ڪانئر جي هر سوچ به ڪوڙي،
لاپُ به ڪُوڙو، لوچ به ڪُوڙي،
ريت به ڪُوڙي، پريت به ڪُوڙي؛
ڇَڙ هُوَ ڪائي ڪَچّي ڇڙُي،
پَرَ جيي هَٺ ڪَڙي سمجهي ٿو!
۽ شايد هُوَ هي سمجهي ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوبہ ڪٽيءِ جو ڪيتو ناهـي،
سڀڪجهہ ڪاڏو ويتـو آهـي،
ماڻهو ماس سوا ڪُجهہ ڪونهي،
ورنڊڙ سُواس سوا ڪُجهہ ڪونهي.
مـوتُ ائين آ هُن جـي من ۾،
ڇيڇڙ جئن ڪُتي جي ڪن ۾.

دودو ـ
موتُ تہ هرڪنهن جو ويري آ،
پـاراٺيـي ۾ پـاڙهـيـري آ،
پـوءِ بہ آهيري مـان آڏري،
پـاڻيءَ پـاتُ مـٿان سـوَ پڇـي
پـنهنجا پرڙا ڦڙڪائـن تـا،
سيج ڪـي سيني سـان لائن تـا؛
نـاهي اِن جي اون اُنهن کـي،
ڪنهن تي ڪانُ ڪـڏهن توڪڙڪي!
ماڻهوءَ کي ڇـو ڏپُ ٿئي تـو؟
موتُ تہ جهاڀوءَ جهپُ ٿئي تو!

ماڻهوءَ ۾ هـي ڏر ڇو آهي؟
ڪنهن بہ مري هـي ڇاتو ناهي،
”هٿہ هٿہ! آءٌ مري ويو آهيان،
تاڻي سنگ، تري ويو آهيان!“ ـ
مـوتُ آجائي جـو ڏر آهـي،
پـر تاڻو، جـو آڻ ـ تر آهـي....
سڀ مـٿان ڪا سانجهي نـاهـي،
اونـدهـہ ڪا آڳانجهي نـاهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آن ۾ تارا تِير تِير ڪن ٿا،
روشنيون ٿي رم جهم ڪَن ٿا.

جڳ جڳ جي جهرمر آ جندڙي،
ڪيئي جوت جهروڪا جندڙي،

جن مان روز وجهن ٿا ليئا،
ڏاها پاري پنهنجا ڏيئا،

جندڙيءَ جوتِ سدائين جاڳندي،
آئـي آ مون تائين جاڳندي،

مون ڪان پوءِ به جاڳندي رهندي،
هر پيڙهيءَ سان هلندي رهندي....

جوت ڪڏهن به نه مرڻي آهي.
اڄ جا مُنهنجي ڪرڻي آهي،

تنهن کي آءٌ نيائـي ويندس،
پنهنجي جوتِ جلائـي ويندس.

پردو پيو

[دودي جي حڪم تي جنگ جا نقارا وڄن ٿا، ۽ سڀ جنگي جوڌا هٿيار ٻڌي تيار ٿين ٿا. آسمان مان جهڙ هٽي ويو آهي، ۽ چانوڻي چنڊ جي روشنيءَ ۾ نظر اچي رهي آهي.]

دودو — هوُ سورهيه سنهري نڪرن ٿا،
جهونجهار جتا ٿي نڪرن ٿا،

۽ جيءُ هٽي ٿو جهومريون....
تيار ٿيو اي سومريون،

۽ راتووواهيءَ سامَ وٺو،
تنهن آبڙي جي، جنهن جهڙو ڪو
اڄ ديسَ سڄي ۾ ويڙهُ نہ آ.
هِنَ وقت نديءَ ۾ نيرُ نہ آ،
ڪي نيش ڪٿو، ارموشَ ڪٿو،
ڪي پٽنڊ پٽو ۽ پيرَ هٽو!

آ سامَ اوهان لئہ ابڙن جي،
جئن چانوَ ٿئي ٿي ڪبڙن جي؛
هوءِ آڏي ڍالَ نہ ڍارن ٿا،
هوءِ راوَت مرندي مارن ٿا،

آ غيرت تن جي رڳَ رڳ ۾،
۽ ڪنڌُ جهڪائڻ ڪان آڳ ۾،
هوءِ ڪنڌُ ڪپائڻ چاهن ٿا،
۽ تيسين سينو ساهن ٿا،

پيي جيسين جام شهادت جو،
هوءِ ڪن ٿا سنڌڙيءَ کي سجدو.

ڪنهن چاتو آهي ڪير مري! [پاگهيءَ کي-]
هوءِ ڪائر ڪارونيار ڪري،

اڄ ايندا تنهنجي پاءُ مٿان....
۽ شايد ويندي سِنڌُ هٿان؛

مان مرندي تائين وارَ ڪندس،
۽ ڏارين جا سِرَ ڏار ڪندس،

هي ڪنڌ ڪلهن تي آ جيسين،
هوءِ پيرَ ڏريندا ڪئن تيسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن ڌرتيءَ تي، جا آمّي آ!
هيءَ جندڙي هُنءَ نيڪمّي آ....
شَل جيجل جي ڪنهن ڪار اَچي!
شَل اُن تي ڪانه مّيار اَچي!
شَل تُنهنجو وارُ نه ٿيي وِنگو!
شَل تُنهنجو ڏينهُن نه ٿيي ڏنگو!
اي ٻيڙ! سَدا آباد هُجين!
جنهِن جاءِ هُجين، تون شاد هُجين!

[ٻاگهي ءَ ٻيون سُومريون
اُن تي وڃن ٿيون، پردو
ڪري ٿو.]

## ائڪٽ ٽيون

### پردو پهريون

[دودو فوج ۾ ڪي اُتساهي رهيو آهي. چوليءَ خيمي جي اوٽ مان ڏسي رهي آهي.]

چولي (پاڻ کي)— دودو توکي چنڊ لڳو هو،
ڪنهن مانڊيءَ جو منڊ لڳو هو:

تو سوچيو هو، مان چولي هان،
اُن کي اُيري ڪيئن پچان مان!

چنڊ وجهي تو پرتان پاڇا،
ڏوران ڏيک ڏئي تو ڇا ڇا!

ها، پر ڪيڏو پرتي آهي!
اُن جي ويجهڙ وس ۾ ناهي!'

ڪيئن وئينءَ ڪنڌيءَ تي ڪاهي؟
اي چولي! ڇاڇر ۾ ڇا هي؟

اڄ تون گدلي ميري آهين....
ڇو تون موتي ڇاتي چاهين؟

چنڊ پراهون تي ويو آهي!
پريون پهر اَچي ويو آهي!

دودو (فوج کي)- ڇا لاءِ ڏرن تا ماٺوئڙا!
هر روز مرن تا ماٺوئڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ڪيئن مَري، ڪو ڪيئن مَري،
ڪو هڻڻ ۾ مَري، ڪو هڻڻ مَري!

جن وقت گذاريو ويرَن سان،
تلوارن سان ۽ تيرن سان،
سي اَڱڻ وَڏائي آرَڻ ۾،
تا ڪِوَنڌ مَرن ڪنهن ڪارَڻ ۾؛

ڪي ويڙهه هٿان وڍجي پيئن ٿا،
ٿي لُولا لنگڙا جيئن ٿا،
تا ڪِنجهي ڪُرڪي ساهه ڏين،
۽ ڏُرڪي ڏُرڪي ساهه ڏين؛

هر روز هزارن ۾ ماڻهو،
ٿي ڇڙ ته قطارن ۾ ماڻهو،
تا سوٽَ مُهاڙن ۾ گَڏجن،
اونداهَن لاڙن ۾ گَڏجن.

هيءَ جيڪا پُر پُر ميڻي آ،
ڪيئن ڇاڻون ڪنهن جي ڪنهن جي آ!

اي پونيرَ جُنگن جوڙين جا!
تِن ڪندَ ڪرارَن ڪوڙين جا،

جن سونهن مِٺو ڇاتو هو،
گهر تيسين پيرُ نه پاتو هو،

هِت جيسين ڌاريا پيرَ هُيا!
هُو جيڪي مڙس مَٿير هُيا،

ڪَنهن آيري واءَ نه لوڏيا ها،
ڪنهن ڏوڙئي پيرَ نه ڏوڏيا ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھن ڌرتيءَ تان تن ڌرِ ڳتن جا،
تن لوھي جھڙن لِڳتن جا-
سي جنگ اوھان ۾ جرڪن ٿا،
ٿي مولھيا مولھيا مرڪن ٿا.

اي سِنڌ- سپوتو سرويچو!
پل ويريءَ سان اڄ ٻرُ ميچو!

سَپ پنھنجي پنھنجي سينگ سڄن،
ائن ڪڙڪڙ ڪڙڪڙ ڪان وڄن،
جئن سخت ڳڙن جو مينھن اچي،
۽ ڪانھن ھوا ۾ ڪوٺ ٻچي!

جنھن وقت ڪڏي ڪيڪان وڄن،
ٿي ميٿيءَ جا طوفان وڄن،
جيئن ھٺڪارن ڪان ھانوَ ھڄن،
ڇھ ويريءَ جا ٻروقت ڇڄن!

اڄ ماري ڌاري وڙٿو آ،
يا وڙھندي وڙھندي مرٿو آ.

ٻولي (پاڻ کي-)

ھيءَ ڪنڌ- ڪڪوريل آزادي،
ساٿيوءَ ۾ موريل آزادي،

ٿي پرکي پاڻ - وَھيٺ ڪي،
ڇا ھاڻ ڏئي ٿي ھيٺ ڪي!

تدبير ڏئي تقدير ڪي،
تقدير ڏئي تدبير ڪي،

ڇا گونڊر ڪبي گرمائي ٿي!
ٿي راڳا راڙ مچائي ٿي،

ٻيا پيرَ ڇڪي پنجوڙن ۾،
ڇا گونجي ٿي گجگوڙن ۾!
راڻي دودا! توتان گهورَ وڃان،
ٿمبل آءٌ ٻه پيوَ جا پولَ پڇان!

[چولي خيمي مان ٽپرن سان
پيريل، ترڪش ۽ ڪمان،
ڪڍي، ٻاهر اچي ٿي. ٻه ڪش
پٺيءَ تي لٽڪائي ٿي، تہ
پريان گرد غبار اڏامندو
نظر اچي ٿو ۽ گهوڙن
جي سنبن جا آواز اچن ٿا
پردو ڪري ٿو.]

## پردو پهريون

[جهونجهڪڙي جي مهل آهي. دودي جي گهٽي فوج
مارجي ويئي آهي. ٻيلائي ٿي پڪي ويئي آهي. جنگ جي ميدان
۾ هزارين لاشا پيا آهن. انهن جي وچ ۾ دودو ڌرتيءَ تي ڪريل
آهي. ٻيو آيائڪين. اکين سان چوليءَ ڏانهن ڏسي رهيو آهي. چوليءَ
کي هڪ هٿ ۾ ٻٽل آهي ۽ ٻئي هٿ سان دودي جي وات
۾ ڪليءَ مان پاڻي وجهي رهي آهي ۽ سڏڪا ڀري رهي آهي.]

پوئين ويرَ اچي وئي آهي،
موت رڳو هڪ هيڏڪي آهي،
جئن پرَ تان ڪو رَستي ڇوڙي،
۽ ڏيکي سان ڏنگي ٻوڙي....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونهي جو اسرار نہ ڄاڻي،
آرُ نہ ڄاڻي، پارُ تہ ڄاڻي.

[چنيسر جنگ جي ميدان ۾
لاش ڏسندو، دودي جي
مٿان آچي ٿو بيهي.]

چنيسر (دودي کي) — ڄبر ـ قوتَ جي ڦونڊ آجائي ـ
دودا! تو ڇو جان گنوائي؟
هر ماڻهوءَ جي هاڪَ بہ ميٽي،
هن ڌرتيءَ تي ڌاڪَ بہ ميٽي،
آڻ مڃين هيا، عيش ڪرين ها!
هيڻ جوانيءَ ۾ نہ مرين ها!

دودو — ڇا بہ چوين، مان مرڻو ناهيان،
وِسُ مٿائي وَرڻو آهيان:
تون بہ چنيسر جو ڪُجهہ چاهين،
سون ڪان اڳ ۾ وَرڻو آهين ـ
ناتو نئين سان ويس ـ بدل سان،
تنهنجي ميٺهجي جنگ ازل کان،
جاري آهي، جاري رهندي،
جاري ـ آهي ـ جاري....رهندي.......

[دودو ميڙي وچي ٿو چولي
اکيون اگهي گيائي ٿي.]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چولي — هر روز پتنگا چرکن تا،
ڏرس، ڏيئي لات آئين ئي آ

هڪ جوت وجهي، ٻي جوت جلي
هر وقت جهروڪا جهرڪن تا.
ڏرس، ڏيئي لات آئين ئي آ

هر اونده ۾ هر اوجهڙ ۾،
ڪي ماڻهو مرڪن سرڪن تا.
ڏرس، ڏيئي لات آئين ئي آ
ڏرس، ڏيئي لات آئين ئي آ

[پردو ڪري ٿو-]

---

پونئرو- پاڻيءَ جو نرم جيت.
ڏرڙ- سوراخ. ڪوراڙ- هڪ زهريلي نانگ.
سانءَ- هڪ پاڻيءَ جو پکي.
پاراٽو- آها لڪل جاءِ، جتي شڪاري تاڪ ۾ ويهندو آهي.
پاڙهيري- پکين جو شڪاري.
نيش- ستن سالن جو اٺ. ارموش- ڏهن سالن جو اٺ.
رايت- بهانو. آرڻ- جنگ. موبهو- پڳ.
ڪيڪان- گهوڙو. راڳو- ٿمٻو.
ددمي- ٻڙڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رني ڪوٽ جا ڏاڙيل

## (منظوم ڊراما)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڃاءَ جي سڃاڻپ

(افسانه ۽ مضمون)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رنيءَ ڪوٽ جا ڏاڙيل

(منظوم ڊراما)

[پردو کڄي ٿو، ڀاڙيءَ تي ڪُنجھ جھنگا نظر اچن ٿا. ٿورو پري، چوپايو مال ڀڳل آهي. هڪڙي جھنگي جي ٻاهران ڪٽ تي ويٺگس ننڊ ۾ آهي، ۽ پرسان ٻيءَ کٽ تي ولھار سٽو پيو آهي ۽ چيٽ جي آڪاس ڏانھن ڏسي رهيو آهي.]

ولھار (آڪاس ڏانھن ڏسندي)

هي جيڪو ٻي انت لڳي ٿو،
ڪيڏو جوڀن ونت لڳي ٿو!

هي ٻاٺوءَ جنن جھرُٿو ناهي،
ڪيڏ پنگر جنن پرُٿو ناهي.

ٽپارا ٽيچي، تارا آڳي،
جيءَ سڀي، جڳ سارو جاڳي.

ڪنھن هي منڊ ٺاهيو آهي،
ساروئا سانگ رچايو آهي؟

هيءَ ميٺي جا پيرپٽي آ،
ٿانھن سنجها ڪٺن آنھن ٻٽي آ!

پوري آهي، ناسي آهي،
آدي، آ، اٻناسي آهي،

ڳاڙهي آهي، پيلي آهي،
ڪيڏي رَنگ رنگيل آهي!
روز ڦٽي آ، روز ڇڻي آ،
سونهن ٻٽي آ، واسُ ٻٽي آ،
مَتُرَ مِلَنِ جني ريت ٻٽي آ،
پاڇانوَنَ جني پريت ٻٽي آ-
جندڙي کُهنبي جو چَٽڪو آ،
موت آجاتي جو کُٽڪو آ،
پوءِ بہ جندڙي پياري آهي،
مَدماتي، مَتواري آهي.

[وبنگس ڏانهن مُنهن ڦيري
چوي ٿو-]

هِن جا هنس بہ آڇا آڇا،
هِن جا وارَ پَشم جا لَڇا؛
ڇا ڇا جيءَ جُڳائا هِن جا،
آڏيءَ ويرَ بہ ڇاڻا هِن جا؛
رات مَٿي جو ماٿو آهي-
ٻ هي گهرو ڳاٽو آهي،
جنهن ۾ ننڊ پِري پئي آهي،
جَنِ ڪا ڪونجَ مَري پئي آهي!
آتُر هيرَ هياسورا آئي،
ڇِنيي اُڏائي، چوليي تائي،
سونهن پسائي ٿي سَٿَر جي،
چِڻ ديوي آ ڪا پٿر جي!
ڇرپُرَ هن جا ڇَپَ ٿين ٿا،
مُرڪي موتين لپَ ڏين ٿا-

تِنِ مِيوهَنِ جِئَن نيرمل سُپنا،
لِهيرونِ لِهرون، چنچل سپنا،
آڌيءَ رات اُنهن ۾ چـا چـا،
تـارا، پـائـي، پٽـر، پـاچـا!
۽ هوُ روهه رُلايل سُپنـا،
گِهايل گُدڙ، اُجـايل سُپنـا،
سُپنا جَن تـه اُڏاريل آڙيون،
سُپنـا اُڌ يءَ راتِ اُماڙيون،
ڪيئي اَپ اُمـائيل سُپنـا،
۽ ڏرتـيءَ سـان واٿيـل سُپنا ـ
ڪينءَ هُجي يـا ڪيتو تين جو،
چـا چـا تـاجـي پيتو تين جو!
جـي انسان سُتو پيـو آهـي،
ڪيڏو گُجهـه گُتو بيو آهـي!
ماڻهوءَ جِئَن بـي آنت نـه ڪوئي،
جـوئـي آهـي، آهـي سـوئـي!

[وينگس تناب مان چرڪ پري
جاڳي ٿي.]

وينگس ـــ

آڌي رات، اَچـانڪ سُپـنـا!
ڪاريَ ڊِنـڊ، پيـانڪ سُپنا!

جو بـه پکين جـو جـوڙو آهـي،
تنهن جو انـت وڇـوڙو آهـي!

ساري ليـلا نيـاري آهـي،
جَرَ پـوڄـارو مـاري آهـي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلبهار—
ڦڙهن تہ ڌرتي پياري آهي....
۽ ساٿيهو سنساري آهي—
هي جوڀن آ جا پن پن آڏما،
ٿونس تتن جي، ڪجڪا ڪين جا،
ڪنجهہ نہ هوندي، سيڪنجهہ آهن—
ڪاروتيار ڪتين جا ڪاهن
تا ڪيڏانهن، نہ ڪنهن جاتو آ،
تن جو انت نہ ڪنهن پاتو آ!

هيءَ ڇا سندر مايا آهي،
ساري پل جي ڇايا آهي—
پل ٻوٽ آ، پل جگنو آ،
پل پل ڪي پنهنجي خوشبو آ،

پل پل ڪي پنهنجي جوتي آ،
پل ڳيوڙهو آ، پل موتي آ،
پل جو سهج سياءُ چگو آ،
جتن آتر جو واءُ چگو آ....

ساٿهو منجهہ وڏائن ڇو تا،
پل ڪي ڇپ ٻڌائن ڇو ٿا؟

وينگس—
پريت بہ آهي پل جي مايا،
ڪنهن ڇايا جي ڇل جي مايا؛
پوءِ بہ آن بن چارو ڪونهي،
پريت سوا ڇٽڪارو ڪونهي؛
من جي موڪ آنهيءَ ۾ آهي،
ساري اوڪ آها تي لاهي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريت جڏهن هي رُوحُ رَچي ٿي،
بادلِ بادلِ ٻينَ ٻوڇلي ٿي،
پيچ منجهان جا ٽُوٽا چاهي،
سا ميٽيءَ جي پريت تہ آهي!

۽ پوءِ ٻُڌا گهاٽڙا ڪَنِ ٿا،
ماڪ - وسي ٿي، مينهن پون ٿا،
۽ ميٽيءَ جو پيارُ ٽِڙي ٿو،
هي سارو سنسار ٽِڙي ٿو!

هي آڪاشُ سَمندر جهَڙو،
پيا ماڻهوءَ جي اندر جهَڙو،
جنهن جو ڪوئي ٿاهُ نہ آهي،
ٿاهُ نہ آهي، ڏاهُہ نہ آهي،

تنهن جي ڌرتيءَ تي چاڏبوڪي،
پريت نہ ڇٽبي، پيو ڇا ڇٽبي؟
ماڻهوءَ جو مَن پريت سَموهي،
ڇا ڇا تو مٽيءَ ۾ گوهي!

پريت اٿين ماڻهوءَ جي مَن ۾،
جيئن ڪا ڪويَل چندن - بن ۾؛
جيئن ٿورني جي ڪيت مٿان ڪو
پوپٽُ آڏري پيچ پنيءَ جو!

ماڻهو پريت وسارن ڇو ٿا!
۽ گهنگهر ۾ گهارن ڇو ٿا؟
پريت بنا هيءَ ڌرتي پاري،
ڪاري آس، نڪاري واري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[گوليون هلن ٿيون ۽ وينگس
ڦٽجي پوي ٿي. ٽي ڏاڙيل-
آدو، ڪادو ۽ ڏاڏو- اوندهه
مان نڪري، مال چوڙن ٿا.
ڪجهه واهڻي ڪهاڙيون
کڻي آچن ٿا ۽ ڪبڙن جي
اوٽ مان لڪي ڏسن ٿا.]

آدو—

سان آدو هان، سان آدو هان،
پر سان ڏاڏي کان ڏاڍو هان؛
پيچ پني ۽ جو نڙر لٽيو مون،
سانجهي ۽ جو سيندوڙ لٽيو مون؛
هٿنڊو هوس اڪيلا ڏاڙا،
رنگمحل ها يا رڇواڙا،
سيٺي منهنجو ڏن ڏيندا ها،
ڏرتي جهاڙي ڏن ڏيندا ها؛
هاڻي سان ڪجهه جهڙ ٿيو هان،
پر نہ اجا مجبور ٿيو هان؛
گوليون ۽ بندوقون سون وٽ
سوني جون صندوقون مون وٽ-
ٽن ٽڙ ۾ جو 'ڏاڏو' آهي،
۽ جو ڪانئبر 'ڪادو' آهي،
هاڻي ٽن کي سان ڪٿان ٿو،
ڏاڙا ٽين جي اوٽ هٿان ٿو.
اڳ تہ اهي آئاسا باکيا
سارييون راتيون ننڊ ڪندا ها-

ڏينهن ڏهاڙا سوڳا تن جا،
ڪات ڪهاڙا اوڳا تن جا.
اڄ ڪلهه ياڳيا جاڳيا آهن،
هيا، ها، ياڳيا ساڳيا ناهن!

پر جا منهنجي ٽولي آهي،
تنهن جي ٻولي گولي آهي.
هاري آهي، نباري آهي،
يا پيٽو ڪو اِتڪاري آهي،

هر ڪو منهنجي ٻولي چاڙهي،
ڪوبه نه نڪري گولي ٽاڙي؛
جي ڪي موت مقابل ٿئي ٿو،
گهر گهر ٿي بارود وسي ٿو،

دَر دَر تي ٻوڇاڙ ڪيان ٿو،
گولين سان گفتار ڪيان ٿو.

ڪاڏو — ڏاڍو بيشڪ ڏاڍو آهين،
ها، پر آقا آڏو آهين،
ءِ هُو مون ڪسي پيارو آهي،
آن سان پائيچارو آهي.

ڏاڍو — ڏيل ته منهنجو ڏاڍو آهي،
ها، پر آقا آڏو آهي-
مان ٿي هيءَ بندوق پريان ٿو،
مان ٿي سڀ تي وار ڪريان ٿو،
آهنجو آهيان، سنهنجو آهيان،
پوءِ به پنهنجي ڪي پنهنجو آهيان؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوءِ تہ پنھنجي جو چاوَلُ آهيان،
۽ مان هوندءِ هراوَلُ آهيان؛
تينسين گوليون برسايان ٿو،
ويريءَ واهڙ ترسايان ٿو،
جيسين گهڙ گهڙ ڦڙ لايو ٿا،
جيسين سڀڪجهہ چورايو ٿا.

[ڏاڏو اوندهہ ۾ بندوق تاڻي
ويٺي ٿو، ۽ آڏو ۽ ڪاڏو
ذرو ڏيور ڪٿي، ڏور ڏڳيا
ڪاهي، اوندهہ ۾ ڪم ٿي
وڃن ٿا. وڳهار تيو ڏيٺي
منجهن ۾ لڪندڙ ڪنهاڙي
لاهي ٿو وٺي، ۽ ڏادي تي
وار ٿو ڪري. ڏادو وڻڙو
ٿي بندوق جو فيرُ ڪري
ٿو، جو گُلي وڃيا ٿو، ۽
ڪهاڙيءَ جو ٻيو ڌڪ
کائي، ڦهڪي سان ڪري ٿو.]

ڏورو پنهنجا يار ڪيا تو،
هيڻ تي هشيار ڪيا تو؛
هاڻي تيندين ماڻهہ ميرن جو،
’ڏاڏا‘ ڪانئرا! ڳاهہ ڳجهن جو.

[ڏاڏهار ڏرتيءَ تان ڏادي جي
ڪيري پيل بندوق کڻي ٿو،
بهن جا ٻرونئي ڪهاڙيون

ڪٽڻي، ڪتڻ جي اوٽ مان
[ٻاهر اڃڻ ٿاڻو]

اي ٻاهڻ جهڙا واهڻيو!
ڇا لاءِ اٿين لاچار رهو!
ڇا لاءِ ٻچو، ڇا لاءِ لڪو!
آ ڪٿم متّان ڪيڏو نه ٽڪو!

ٿا ڪانئر راتو رات اڃن،
۽ گهاتڪ سوچي گهات اچن،
۽ گهر گهر ڦر لٽ لائن ٿا،
هر گهر واري کي گهائن ٿا،
هر گهر واريءَ کي لوٽن ٿا،
۽ ميڙي چونڊي ڍوئن ٿا.

هي جيئڻ ڪهڙو جيئڻ آ
جي جندڙي وهم جو پيئڻ آ!
هيءَ جندڙي جهڙو آ جر تي،
جو لهر اڀاري ٿو چر تي،

جا پنهنجو اوچو ڳاٽ جهلي،
تي پاڻيءَ تي ڪجهه وقت هلي،
۽ گيت مڌر کي ڳائي ٿي،
پوءِ پنهنجو ٻاڻ سمائي ٿي

ين ڌرتيءَ ۾، هن انبر ۾،
ين نيري گهري ساگر ۾.
پر آن ۾ ورسر اڀرن ٿا،
جي آنڌيءَ مانجهيءَ آگرن ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جڳ جي جيءَ جياپي ڪيئن،
هر آدڪاريءَ جي آپي ڪيئي.
اي پاهڻ جهڙا واهڻيو!
چپا لاءِ اَئين لاچار رهو!
ناهِہ تہ لڳا ٿيِي ٻاهر ۾،
ڏاڙيل گدڙ ها اندر ۾؛
اڄ تن جو پيچو ڪَرٽو آ،
هي آڏو، ڪاڏو مَرٽو آ؛
جن سنجها جو سيندوُر لٽيو،
جن پيچ ٻنيءَ جو ٺوُر لٽيو،
اڄ تن کي ٻوڙو ڪرٽو آ،
اِئن واپس موڙ نہ وَرٽو آ.

[وينگس ڏانهن منهن ڪري
چوي ٿو-]

اي وينگس! تنهنجا وارَ چڳا،
۽ تين تي منهنجا آرَ چڳا،
مون تين جي چانوَ بہ ماڻي آ،
۽ ساري ڏرتي واڻي آ
ڪنهن سپني سان.... پر ڪيئن ڪيانءِ!
ٿو توکان مان اڄ دور وڃان!
جنہ قُورڻ توکي کهايو آ،
۽ آڏيءَ زبان اُڳهايو آ،
من جيهين تين کي ناس ڪيان،
ٿو تيسين کي بنواس وتان.
مان نيٺ تہ موتي آڇيو هان،
۽ توسان ڳاڏجي نچيو هان،

هن رنگبرنگيليءَ ڌرتيءَ تي،
مَد مست نشيليءَ ڌرتيءَ تي،
تَــي پيچي لُنب لِيــارن سان،
۽ پيچ پنيءَ جي تارن سان....
پــر هــاڻــي مون کي وچڙو آ،
هــي وعدو مورُ نــه پچڙو آ.

[وينگس جي رَت ۾ لويل چُني، بندوق جي ناليءَ ۾ ٻڌي، بندوق کي اُڀو ڪري ٿو-]

ســان تنهنجي آرتي ڪِهنبي ســان
هــي ڳاڙهو جهنڊو تــو ناهيان؛

اڄ هِن پرچم جــي پاڇي ۾،
ســان ڪوٽ اندر ۽ــا ڪاچي ۾،
لَلڪار ڪَندس هر ويريءَ تي،
۽ وار ڪَندس هر ويريءَ تي،
جيئن تيڪ پڙي، ڏئي واڳهه تپو،
۽ هاڻ ڪڍي هاڙهياڻي جو.

[ڏاڍي جي لوٽ ڏانهن ڏسي ٿو-]

ها، گهاتڪ تنهن جي گولي آ....
دل دشمن جي پــر پولي آ-
جنهن وقت پڇاڙيءَ پــا کَر تي،
جڏهن چيچ ڪيري کا ڇاڇَر تي.
هو قهري آ، هو قــاتــل آ،
پــر ظالم پوءِ بــه بزدل آ.

[ساٿين ڏانهن ڏسي ٿو-]

جي ڏوران ڏس ته ٽهاڙن سان
هتي ويري آهــــ ڀهاڙن جان؛
پر ڏونگر جي آ ڏيک گهٽي،
جو ظلم انهيءَ ۾ سرنگهه هٽي،
هر وقت انهيءَ کي ڊاهي ٿو،
هڪ ڪوڪو ڊانچو ناهي ٿو.

اي معصومــوا! اي مظلومـــــوا!
گهنگهور گهٽائن تــي جهوموا!

هر ڏونگر تــي للڪار ڪيو،
۽ آيرين اُن تــي وار ڪيو!
انــڌيـر نــه ڪوئي رهـٽـو آ،
۽ پير نــــه ڪوئي رهٽو آ

ڪنهن پاپيءَ جو هِن پاڙي ۾،
اڌ رات ڪٽيسين ڏاڙي ۾،
هيءَ باقــي رات به ڪٽڻي آ....
پر هاڻي بات بـــــه ڪٽڻي آ،

۽ ويـــــريءَ بـويـان وڄٽو آ،
۽ تنهن جو ڳـاتـو ڀڄٽو آ.
هـا، بـاڪ ڀـامري آڇٽي آ،
نئنمـوهن تــي جـا نچڻي آ،

تي ڪيرٽو ڪيرٽو پائيءَ تي....
جتن چانڊڻيءَ جا هارياڻيءَ تـي
ڳنهه جهرمير جهرمير لائين ٿا،
۽ اَڪ اڏي جهپڪائن ٿـا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـــي ڏونــگــر ڏاري ايندا سين،
جـي مــارِيءَ مــارِي ايندا سين—
هي سانگي پنهنجا ڇـوِنرن سان،
۽ ڇاڏيءَ ڇاڏيءَ ڏوِنرن سان،

۽ ميندهِين سـان ۽ گانئين سان،
۽ پنهنجن پـالـَ ٻلائين سـان،
ٿـي آجـا اونهي آلـکـي کـان،
کا ننڊ ڪندا تنهن جهُلڪي سان،

جـو واهوندَن ۾ وَرٽـو آ....
سو ماڻهو مُور نـــــه سَرڻو آ،

جو ساهُه ڏئي ٿـو ننگن تي،
۽ جهانگين تي ۽ جهنگن تي،

۽ پنهنجيءَ ڪيتيءَ پوکيءَ تي،
۽ پنهنجيءَ ريت انوکيءَ تي.
ٻـنـسار تـــــه ڏاڍو سُهــڻـو آ،
هـــي چـارُ تـــه ڏاڍو سُهڻو آ—

ڪنهن گهاٽوءَ گهيرُ وِسـايو آ،
۽ هر ڪنهن کـي ڦـاسـايـو آ—
آ ماڻهوءَ جو سَن ڪُنديءَ ۾،
ڪو ڪندو آهـي مُنديءَ ۾،

جـــو هلڪي پيڙا آئـي ٿـو،
جـــا پيڙا مـــاڻهو مائي ٿـو.

جنهن وقت مگر ڏاڙيـل آچن،
۽ ڌرتيءَ تـــي اڌيـر مـچن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هين چنڊ منجهان، آڪاس منجهان،
۽ ڌرتيءَ جي وَن واس منجهان،
ڳنڊير منجهان ۽ ڳَمَرَ منجهان،
۽ پنهنجي هنجَ ۽ چَمرَ منجهان،
۽ چنگ چڙي جي لار منجهان،
۽ هن ساري سنسار منجهان،
تي ظالم سِتم جي بانس اچي،
ڪنهن ڪَهري غم جي بانس آچي —
چا جهانگيءَ مان، چا سانگيءَ مان،
چا دونهينءَ مان، چا دانگيءَ مان،

چا پنڊيءَ مان، چا مانيءَ مان،
چا تنهنجي ڳل جي ڳانيءَ مان،

چا تنهنجن ڪارن وارن مان،
چا تنبوري جي تارن مان،

چا گيتن مان، چا بيتن مان،
چا ذاتِ اڇيتن ڇيتن مان،

تي وَر وَر ساڳي بانس وَري،
۽ ڪَهري غم جي ڇَتَ ڪَري —

اڄ ظلم نهوڙي ايندا سين،
هي جهنڊو کوڙي ايندا سين؛

۽ آن جي ڳاڙهيءَ مستيءَ ۾،
هن پنهنجيءَ پوريءَ وستيءَ ۾،

ڪو سورج ٻاري ايندا سين،
۽ ڏينهن آپاري ايندا سين!

[ولهار جا ساٿي، مٺيون
پيڪوڙي، پانهون مٿي
ڪن ٿا-]

ساٿي (ڪورس ۾-) ڪو سورج ٻاري ايندا سين،
۽ ڏينهن اُڀاري ايندا سين!
هي جهنڊو ڳاڙهيءَ مستيءَ ۾،
پل جهولي پنهنجيءَ وستيءَ ۾!
هُو ساري ساري ايندا سين،
هُو ڏونگر ڏاري ايندا سين!

[گهايل وينگس آٿي ڪري،
سيني کي ڳچيءَ ۾ ڳاڙها
ڳانا ٻڌي ٿي، ۽ هُو وري
ڪورس ۾ ڳائن ٿا-]

ڪو سورج ٻاري ايندا سين!
۽ ڏينهن اُڀاري ايندا سين!
ڪا ٻشاهه لڳائي پيلن کي،
هين ڌرتيءَ جي ڏاڙهيان کي
اڄ ساري ڏاري ايندا سين!
ڪو سورج ٻاري ايندا سين!
ڪو سورج ٻاري ايندا سين......!

[سڀ ڪورس ۾ ڳائيندا،
روشن چانوري ۾ وبندا نظر
اچن ٿاه ٻردو ڪيري ٿو-]

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

---

آبناسي- جو ناس ٿي نہ سگهي.

ٻيئن موهن- رني ڪوٽ جي وچ مان وهندڙ برساتي نئن جو نالو.

گـَڊيُ- پهاڙي گهيٽو.

ڀِن ڀِن- الڳ الڳ، طرحين طرحين.

ٿوريو- سرنهن جو هڪ قسم، جو ونندڙ پيلا گل ڪندو آهي.

هراول- اڳ ۾ ويندڙ.

وريسر- شارڪ (Shark) مڇي.

آنبر- آسمان.

هاڙهيالو- سرڪش يا ڀيڄايندڙ ڍور.

پاکر- زره.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وايون ۽ گيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ڪَنڊيءَ نہ سِگِري، ٻَچَڙَ نہ پَلڙو،
سائو نہ سَلڙو،

چانگوُن نہ چيلڙا!
مــارو آڪيلڙا!
مــارو آڪيلڙا!

ٻنڊيءَ نہ ڳَپڙو، وِهُہ واتِ ويلا،
مُنهڙا بہ پيلا،

ڳوڙها ڳهيلڙا!
مــارو آڪيلڙا!
مــارو آڪيلڙا!

سارو سيارو تِي ماٿِ ماري،
سومَرَ آڳاري،

مــاٺهو نہ ميلڙا!
مــارو آڪيلڙا!
مــارو آڪيلڙا!

ٿا جيءُ جهورِن ۽ روهَہ رولين،
جنهن وقت ٻولين،

ڪَنڇي ڪُويلڙا!
مــارو آڪيلڙا!
مــارو آڪيلڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵

ڪيڙو ڪيڙو ڪوھ ڪرين!

چا تو سارين ڪارڙا؟

آءُ، ڇپر ۾ ڪنڌيءَ ڇانوَ،
نند ڦتائيءَ، شالَ مرين!

ياد ڏياريئہ يارڙا!
چا تو سارين ڪارڙا؟

ڪيرُ ھري تو تنھنجي ھانوَ،
تو ھيئن ڪنھن جي ڏنجھ ڏرين؟

تو بہ ڪيا چا پيارڙا!
چا تو سارين ڪارڙا؟

وسر واريا مون ۾ نانوَ،
ڪيرُ تنيائي پريت پرين!

ووءِ ڪتي ويچارڙا!
چا تو سارين ڪارڙا؟
چا تو سارين ڪارڙا........

---

ڪارڙو۔ ڪارو تتر.
ڏنجھ۔ ڏک.
ڪيڙو ڪيڙو۔ تتر جو آواز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵

جيجل، منهنجو جيئڙو!
هئَه هئَه منهنجو جيئڙو!
آئــي مُنڊ گــلاب جــي-

هَرڪنهن پاتا هــارَ، هَوا ۾ چِڪِبَت چِڪِبَت تي مَهڪي،
رُت جي ريت نرالي آهي، رَنگَن رَنگَن تــي چَهڪي-
هــا، پــر هڙ سانگيئڙو!
هئَه هئَه منهنجو جيئڙو!
آئــي مُنڊ گــلاب جــي-

ڪِڪي ڪِڪي گهايل مَن ۾ ڪويَل ڪنهن کي ڪاندي،
هَر هَر آءُ اچــان چانئٺ تــي ڪيئي سپنا سانــدي-
ڪوبه نــه پــائــي ليئڙو!
هئَه هئَه منهنجو جيئڙو!
آئــي مُنڊ گــلاب جــي-

ڪَنهن کي اِن جو ڪَئَتُ نه آهي، موتُ ڪَڏهن تــو ماري،
مون ڪان پــوءِ نــه چاڻان ڀِي ڪا، جيڪا دَر تــي ٻاري
ڏورانهين لَئَــه ڏيئڙو!
هئَه هئَه منهنجو جيئڙو!
آئــي مُنڊ گــلاب جــي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ڪاريءَ ڪنڌيءَ تان ڪنهن جا ٻه ڏيئا
گهنگهور ساگر
ڇو ڏسن ٿا؟

ٻيڙي ته ڪائي موٽي نه آئي،
واريءَ اُنڌيءَ تان پر پوءِ ٻه ليئا
گهنگهور ساگر
ڇو ڏسن ٿا؟

ڪو ڪٿ ٻه چاهي، اُلڪو ته آهي،
وانجهي ويا جي، جيئا نه جيئا!
گهنگهور ساگر
ڇو ڏسن ٿا
ڪاريءَ ڪنڌيءَ تان ڪنهن جا ٻه ڏيئا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

باڪ ڦٽيءَ جو بانورا!
ميندي پوکي نہ ڪيتَ پر.

مؤمل هٿڙا رانڀا،
مَرندا سودا سانورا
ميندي پوکي نہ ڪيتَ پر.

ايندا سنڌڙا ڪاڪ جا،
وسري ويندا چانورا،
ميندي پوک نہ ڪيتَ پر.

باڪ ڦٽيءَ جو بانيورا!
ميندي پوکي نہ ڪيتَ پر.

---

رانئبا- ڳاڙها ٿيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هَمَ هَمَ پيريون ڄاڳريون!
هَمَ هَمَ آرتيون آڳريون!

سارو ڏينهن بهار ۾،
هَر هَر ڦُل ڦلار ۾ –
هَمَ هَمَ پيريون ڄاڳريون!
هَمَ هَمَ آرتيون آڳريون!

هوُنءَ تہ پيارا مُند جا،
سپنا سارا مُند جا –
هَمَ هَمَ آرتيون آڳريون!
هَمَ هَمَ پيريون ڄاڳريون!

---

ڄاڳري پير – پهاڙي پير، جا هَر وَڻ کان اڳ بهار ۾ ڦُٽندي آهي ۽ جنهن ۾ ننڍڙا ڳاڙها پير ۽ تيز ڪنڊا هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هَئـہ هَئـہ مُنهنجي چـوليڙي
ڏوءُ نـہ ڏوبـيءَ گهاٽَ تـي!

آئن ۾ جنهن جـو واس آ،
آءٌ اُنهـيءَ جـي گوليڙيـ
هَئـہ هَئـہ مُنهنجي چـوليڙي
ڏوءُ نـہ ڏوبيءَ گهاٽَ تي!

اهـہ گنجر جـي گـڄَ ۾،
ڪائـنـي رات رتـوليڙيـ
هَئـہ هَئـہ مُنهنجي چـوليڙي
ڏوءُ نـہ ڏوبـيءَ گهاٽَ تـي!

سـارو ڏينهن ڇهاوَ سـان،
ڇـاتـيءَ جنهن جي چـوليڙيـ
هَئـہ هَئـہ مُنهنجي چـوليڙي
ڏوءُ نـہ ڏوبـيءَ گهاٽَ تـي!

ميرو سمجهہ نـہ مُنڊُ ڪي،
ٻَڌُ تـہ منهنجي بـولڙي!
هَئـہ هَئـہ مُنهنجي چـوليڙي
ڏوءُ نـہ ڏوبـيءَ گهاٽَ تـي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

تون لَنوائيندي ٻہ مون کي ڪيستائين؟
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!
تو ٻُران تـو ۾، سُڄاتو تـو نـہ سائين!
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!
مون ٻڌا هِن چنگ ۾ جهِڙا نہ جهائين!
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!
ووء، مُنهنجا گيت تون ڳائين نہ ڳائين؟
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!
ووء، پنهنجي پاڻ کان ڇو تو لڪائين؟
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!
آءٌ تُنهنجي دانهَن آهيان!

o

وَٽ جلائـي ويـهُه
آئـي راتِ اَماسَ جـي
جَڳ تـہ اَجهائـو اوچتـو
ڏيـئـا ڏيـئـا ڏيـهُہ
آئـي راتِ اَماسَ جـي.
ٻيرين جـوتِ جيار تون،
سوڌ ٻـکـي ۾ پـيـهُہ
آئـي راتِ اَماسَ جـي.
اَرهـا! اَنـڌوکـارَ ۾،
تو وَٽ سيجہ سينيهُہ!
آئـي راتِ اَماسَ جـي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

گهَرَ گهَرَ جوتِ جلائِي،
سانجهي آئي—

تُنهنجو ديپُ وسائِل ڇو آ؟
تُنهنجو مُنهن ڪومائِل ڇو آ؟
هَر ڪنهن سيجَ سجائي!
سانجهي آئي—

هُءَ جو مُرُ نه وَرِنو آهي،
تُنهنجيءَ پريتِ اُنهيءَ کي چاهي،
ڪَهڙي گَتَ بڻائي!
سانجهي آئي—

هاءِ، آڪين وَتِ ڏورا تُنهنجا،
هَرَ هِڪ نيڻ ڪَتورا تُنهنجا،
جِن ۾ بوندَ نه ڪائي!
سانجهي آئي—

ڪنهن سان پريت لڳايئه پڳلي،
جو اڄ رات نه آيئه پڳلي،
ساوڻ رات سُهائي!
سانجهي آئي—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

او ڪامِڻهه ۾ ڪونجيڙيو!
ترسو مان بہ هلان!
ساٿي ساري ديس ۾ منهنجو ڪونہ ٿيو،
اُترسو مان بہ هلان!
ڏوري مون کي ڏوُر ڪو پنهنجو ڏيهہ ڏيو،
ترسو مان بہ هلان!
چو ڏرتيءَ جي ڏوُڙ ۾ مون کي پنڌ پيو!
ترسو مان بہ هلان!
ڪنيڙاتين ڪان اج ڪنيي، مون کي ساٿ نيو!
ترسو مان بہ هلان!
ترسو مان بہ هلان!

o

چوري پوءِ نہ ڪيتڪي،
گجرا پاءِ نہ پانهن ۾.
گهلي! ساري گوٺ ۾
گولين ٿي ڪنهن کي ليڪي؟
گجرا پاءِ نہ پانهن ۾.
تڙ تي تبارڻ چانو ۾
سارين ٿي ڪنهن کي سيڪي؟
گجرا پاءِ نہ پانهن ۾.
سوچين ٿي ايندي ڪڏهن
پاران تنهنجي پالڪي!
گجرا پاءِ نہ پانهن ۾.
پوري، ڪهڙي پالڪي!
گجرا پاءِ نہ پانهن ۾،
گجرا پاءِ نہ پانهن ۾.

○

گھاگھرَ گھاگھرَ گھاٽ،
سِڄَ ڪَني نڪتي.
سينهونءِ وِيڙهي سانوري،
تون چو آنهه اَچات؟
سِڄَ ڪَني نڪتي.
سورج - وَنسي سونهن سان
ساريئه رات سمات
سِڄَ ڪَني نڪتي.
ٿيٺ تنه ايندو تنو گري،
چو تو ڳٽيءَ ڳات!
سِڄَ ڪَني نڪتي.

○

اَپ - ڪپر تي ناوَ،
چندُ پيو اَيري.
گهر گهر مهڪي مالتي،
چوتيي چوتيي چاوَ
چندُ پيو اَيري.
ڪاميڻ ڪندن روپ ڪَني
ڪاميو جا گهاوَ
چندُ پيو اَيري.
سانجهيءَ تانٽي سار جا،
چا چا هٿ ۾ ڇهاوَ!
چندُ پيو اَيري.

---

ڪاميڻ - ڪامڻي

ڪندن روپ - سون جي شڪل واري.

٥

آڏا لڪ تہ ڏس!

چنڊ پيو اُڀري.

گهوري بيٺو ڪنڌ ۾

هيٺ سرهہ جو سيس؛

چنڊ پيو اُڀري.

چڙهيو آن جي چوٽ تي

ڦهڪو ڪائي ڦيس؛

چنڊ پيو اُڀري.

٥

هي نيرو آڪاس،

آڌيءَ جو آڪاڙ ۾.

ڪوهي تو چڻ ڪڇ ۾ ڪوئي منهنجو ماس،

آڌيءَ جو آڪاڙ ۾.

مَن-مندر ۾ ڏيئڙا، هلڪو چندن واس،

آڌيءَ جو آڪاڙ ۾.

سون سان منهنجو پيار پڻ ٿيو آ ڇا ناس؟

آڌيءَ جو آڪاڙ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪنب نہ تون ڪاپائتي!
ڪنبڻ واريون ڪوهہ ڪتيندّيون!

هين آتڻ ڪان اکٽي ڪائي
تاهي پوڻء پوائتي-
ڪنبڻ واريون ڪوهہ ڪتيندّيون!

توريندڙ جي تانگهہ اَجائي
آهہ اڙي آسائتي!
ڪنبڻ واريون ڪوهہ ڪتيندّيون!

ڪنب نہ تون ڪاپائتي!
ڪنبڻ واريون ڪوهہ ڪتيندّيون!

○

ڳاڙها ڳيرؤ آئيا
دولهہ منهنجي ديس جا!

دَر دَر وَڻڙيءَ پانهنجا
مرڪي وار وڇائيا-
دولهہ منهنجي ديس جا.

واري تن تي جنڊڙي،
هي جي ويريءَ ڳهائيا-
دولهہ منهنجي ديس جا.

لال لهوءَ ۾ گهوٽڙا
ڳوٽ ڳاي سان لائيا-
دولهہ منهنجي ديس جا-
دولهہ منهنجي ديس جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵

وَنجهہَ تـکـيـرا وانجهيو!
گهاتُ پـري آهي.

ڪارا ڪُنَ آٿاهہَ جا
آچـــا آڳيرا وانجهيو!
گهاتُ پـري آهي.

لَهرون لُڙ دريـاهہ جـا
هـيـل گهٽيرا وانجهيو!
گهاتُ پـري آهي.

ٿـڪرايو طـوفانَ سـانُ
سُرخُ ڦريـرا وانـجـهـيو!
گهاتُ پـري آهي....
گهاتُ پـري آهي....

---

ڦريرو = جهنڊو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غــزل

٥

سکيي! هوا ۾ هنگاءُ آهي، گلي گلي گيت تي وئي آ!
پيا بنا نيند کيئن ايندي، بسنت جي رات ٻري چئي آ.

اَننت آ هيءَ روپ- مايا، اجا ته کينتر ۾ گيت ڳايا،
اُتي ستي لوڪ ڳاءِ چارڻ! صدا اجا تو ڪٿي ڪٿي آ!

نه ڪوڪ ڪويل! نه ڪوڪ ڪويل! اسان اڳيئي ڏکي، ڏهاڳڻ!
ڏسين نه ٿي چا پِرَه پري آ، لهو لهو رات نيردئي آ!

سڄي سڄي رات ننڊ نيڻين نه آ اسان کي، تڏهن ٻه ساجن!
پڌر پئي آهه ڳالهڙي ڪئن؟ نه تو چئي آ نه مون چئي آ!

’اياز‘ ڪلهه مينڌري چيو ٿي، ’جڏهن چڙهي ڪاٺي چکيا ٿي،
’نه ڪاڪِ ساڳي، نه آءٌ ساڳيو، ڏٺم ته مومل نئي نئي آ!‘

---

اننت- بي انت.
نيردئي- ظالم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

چيٽ پورا ڪيا گهڙيءَ تي مون،
ڏس، نهائين آچا تتي نہ تتي!

هُوءَ پروڪي ڪڏهن پياريندين،
مَٽ ڪولي تہ ڏس، متي نہ متي؟

اَڄ تہ ڏاڍو اُداس آ آتڻ،
تند تو ڪا نئين ڪتي نہ ڪتي؟

سانت ۾ جَر حي آذار، تيز هوا،
چنبڙ، چڪيا مٽان ٻتي نيستي!

ريس تو سان آوس 'اياز' ٿئي،
تو ڪنئي ڪاڻ، مون رتي بہ رتي.

o

لاڙ تنهنجي لڳي آهيان لاٽما!
آءُ موتي ميان، ڏينهن لاٽم گهٽا!

هيل پنهنجي چُني مون تہ ٻاڙهي رڱي،
ڳوٺ ٻالهيون ڪيون ٿا ملن ميهٽا.

ٻُڪ ڪنهن ڪي بيرهہ جي نہ آ پڙڻ تي،
آپيءَ پالهي پنڊي، چار تارن ۾ ڪتا.

سنڌ جيئي سدا، سنڌ جيئي سدا،
راس آئي رلي، هڙڻ اوچڻ گهٽا.

اي 'اياز' اڄ وري ڏنڌ ڏاڙا هنيا،
'روشني! روشني!' ڪن پيا ڪي چٽا.

---

ميهٽ ـ ميهٽو. مٽڙ موتي ميهٽو، ٿيا نظاري نروار. (پنائي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

سانگ پنهنجو ٻنلي ۾ سينڌ پو يي پيلي،
پياگ واري سدا پوڻ تي پرجهلي.

تنو چيو سنڌڙي! مون چيو جندڙي!،
مون پرولي سلي! مون پرولي سلي!

پريت ليلا ٻـه آ، پريت ڪونرو ٻـه آ،
پريت پرکي ته ڪا مون جيان دل جلي!

ور ڪٿ ورتري ڪيو تي اچي، تي آچي،
هڙ جهڙالي هوا، هڙ گلابي گلي!

سنڌ مرڻي نه آ، اي ’اياز‘، آ اچا
آج جو آسرو، ڪا ته پاڻيءَ ڪلي!

o

هاڻ منهنجو هرڻ، ريت منهنجي رلي،
رات مون ڪي ستارا ستارا ملي!

روجهه رمتا ٿيا ڪير ڪنهن ڪان پڇي،
آپه چا ڪان ڦيٿو، ورچ ڪنهن تي ڪاي؟

ڪا ترائي هنجي چانو چانئي هنجي،
آج منهنجي ٻنجهي، مان ٻوان آهلي!

تو سوا نينگري ڏيهه ساري ڏٺو،
ڏيل ڏولائتي نور تنهنجي تيلي!

ڪنهن نه چاتو ’اياز‘ آهه هي تو سوال،
ذات سارو جڳت، ذات سوڙهي گلي.

[۷،٦.

٥

جا خُدا کان نہ ٿيءِ، جا نہ امڪان ۾،
ڪالهہ ڪِان ڳالهہ سا آهہ انسان ۾.

آءُ زنجير پائي بہ آزاد هان،
تون تہ ظالم سدا آنهہ زندان ۾!

رات نانگڻ بہ آ، رات جوڳڻ بہ آ،
رَک جتائون آنهيءَ جون سدا ڏيان ۾!

مون نہ ڄاتو هئيو چنڊ چارڻ بہ آ،
چاندني راڳ آ رات سنسان ۾!

هوءَ تہ مون کي چتا تي ونئي ٿي ويا،
مينهن برسي پيو ڪالهہ شمشان ۾.

بادلو! بادلو! ڪُجهہ تہ برسي وڃو،
رات ترسي وڃو هن بيابان ۾.

عشق تنهنجو ’اياز‘ آهہ انسان سان،
هوءَ چون ٿا تہ تون ناهہ ايمان ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵

ٻَني آملتاس تـان ڪَڙڪَ ڪويَل ڪَري،
هُوءَ ڦِري آ، ڦِري آ، ڦِري آ، ڦِري!

مورُ جـا ڦِڙَ تہ مون کي ڏنـا تِي مِيان!
ناچُ مـون کان نـہ ٿئي، ريتَ پيئي ڀَري.

مَڙُٿ ڪَڪُڙو بہ آهـي، ڪَلالو! ڏيو-
راتِ گھنگھورُ آ، ڪئن بہ تـاڻـو تَري.

ٻانڊَ ڪيئي گُڻا پڙ نـہ چارڻُ تَڪو،
پَنگُ پيهر چَڪي، چَنگُ چـوريو چَري.

جيءُ هو يا جھڳو، داءُ پنھنجو لـڳو،
جيتَ چـا، هارَ چا، ڪيرُ پٽ تي وَري!

سِرُ بہ تنھنجو ميان، سير بہ تنھنجو ميان،
ڪَنڌُ تـو ڪان ٿِيَوا ڪيرُ تـو لـڻُ ڏري؟

سينهن جـي رات ڪاتي وچـو اونيو!
مانڙي تي پچي، ٻـاهـڙي تي ٻَري!

آءُ، رابيـلِ مُرجھائجن تـا پِـيـا،
ڪا سَڳنڌ آهـہ جنھن جي نہ تو ٻين سَري!

اي ’ايـاز‘ آنڌرا! تـو تـہ پايل ٻَڌي،
پيـرُ سوچي تـہ رَکُ ڌرتيءَ تـي ڌري!

---

آملتاس- اماداس، چمڪڻيءَ جو وڻ.
پنگ- تير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

جهُوپڙي پاهران رات جهانجهر وڳي،
پيرَ ڪَنهن جا هُيا؟ ڪيرَ مون ڪان ڀڳي!
سونَ جهڙي جُواني اسان ڪان وئي،
وارَ چاندي ڪَيئہ، عُمر ايڏي نڳي!
ڪيرَ هيءُ سُڄَ ۾ ٿي وڃي اَڄَ ۾،
ٿيي نہ پُٺ تي ڏسي، لارَ ڪنهن جي لڳي؟
سُورَ تو لئہ سَنَا، سارَ تُنهنجي رهي،
زندگاني پرين! تارَ تُنهنجي تڳي.

o

پيچل سَواءِ ٻي تہ لڪا ناهہ لوڪَ ۾،
هِڪ ڳالهہ آ تہ جَهانءِ نہ آهي جهَروڪَ ۾!
اوندهہ آجاري نہ اُڳوڻي چَراغ سان،
نيزي مٿان آپار نئون سِجُ نوڪَ ۾!
ڪَرها ڪَڏاءِ، ڪاڪِ پَري ناهہ مينڌرا!
چا جي چَڏيئہ ٻہ چار جَڏا جيءَ جهوڪَ ۾!
وِهہ ڪان ڪَڙي پيار اسان کي اڙي ڪَلالَ!
ها، اوتِ، اوتِ، اوتِ اجا اُوتِ اوڪَ ۾!
شَل ڪَرَ ڪَٽي ڪيرارِ مٿان اوچتو وسي،
مارو ميلن ’اياز؛ وري شالَ موڪَ ۾!

---

جهروڪ- جهروڪو، ڇاريءَ وارو ڪنهڙو.
جهوڪَ- رات جي منزل لاءِ آنن جي ويهارڻ جي جاءِ؛
اوڪَ- پئٺ، زور واري برسات.
ڪيرار- پٽ شاهہ جي ويجهو هڪ ڍنڍ.

o

هي هرڻ بانورو ڪيستائين هجي؟
بادلن ۾ بوند ڪا، ريت ۾ جنهن سان رجي!
آءُ سورج مکي، ڏينهن منهنجو ڏکيي،
تون ته اپرين نه ٿو، آڪ ڇاتي ڪجي!
آگ بن ۾ لڳي، راڪا ٿيي رڙي،
بنسري شيام جي بي سري ٿيي وڄي!
او پرين! او پرين! آءُ، موتان ٻيو،
ڪير تو کان پڇي؟ ڪيستائين پڇي؟
سر ’اياز‘ اڄ ڏئي، منڊ موتائجي،
مينڊ سنتي ورڪي آهه ڪنهن نيرلجي.

o

هو تي نينگريون، چانڊنيءَ ۾ پٽڻ،
لٿيون اپسرائون سڄاول ۾ چرڻ!
پني رات، گهرا تيا گهونگرا،
آسارو آسارو گهلي ٿو ڏکڻ.
ستارن پري آپ هيٺان نه سمهي!
ستارا ڏسي ياد ايندءَ سڄڻ.
آڙي رات تارن پري! تو ڏنو،
ترائيءَ مٿان هو آڪيلو هرڻ؟
چون ٿا ته آ ذات آڪاس قل،
چون ٿا ته پنهنجو نه تون پوک وڻ.
برينءَ جي پکي ۾ وچين تو ’اياز‘
تڙي آهه ٿانگن ته ٿي، قول ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

ڪونج ڪرڪي پئي ڪا اُتر پار جي،
ياد آئي اسان کي وري يار جي.

اڄ اُتي جي هوا جيءُ جهوري وڌو،
سينگ ڇڪجي ويو اوچتو سار جي.

ٿي ڪيا اڄ شفق قول آن ۾ ڦيٿا،
ڪانءَ جهوليي پري ٻر مگهار جي.

ڪيترن ڪونپلن سان سجايل هئي!
ٻانهن ڇو تو آڪارڻ ڪپي ڏار جي؟

اي ”اياز“ اوچتو ڦٽ ڪولي وئي،
چيٽ جي چانڊني، هير ولهار جي.

o

ڏور ٿيندا وڃن روز جو گيئڙا،
تون آڃا ٿو جيئين، هاءِ ڙي جيئڙا!

اوچتو مون ڏٺو آپ آسائيتو،
رات ڪاري هئي ڏيئڙا ڏيئڙا!

مون نه ڄاتو ته اي سنج جهڙا پرين!
روز پاتا پئي تو لڪي ليئڙا!

آءُ منهنجي تڏي، ويهه اوري آڏي،
ساهه توکي سڏي، اوءِ سانگيئڙا!

ڇو ’اياز‘ اڄ وري ڇانو ڳولين پيو؟
پنڌ ڏاڍو پري آهه پاڌڙيئڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

کيتَ ڪڙا ٿيا، ڏينهن ڏاڍا تتا،
آءُ ڪاري گهٽا اڄ تہ ڇوڙي ڇتا!

واءُ سان وَنجهہ ڪيڏو وڙهن ٿا پيا!
جئن آٽائو لڳو، مُڙسَ مانجهي متا!

پريت ۾ جيئرا جيءَ جو ڪا ڪَنيا،
اوترو مَدُ مَتو، راڳَ مُنهنجا رَتا!

روز جهُلڪا لڳا، روز خوشبو پکي،
واءُ ڪان مون وَتا پار تُنهنجا پتا!

ٿي 'اياز' اڄ وَري ڇڻ آڪارَت لڳي،
سانوري ڪان سَوا هيءَ سَموري سِتا!

o

تُو جِلي هي جبل، لڙ هوريان تہ هَلُ!
پندُ پنهنجو پَري، ڏينهن آهي ٿَتَلُ!

سِجُ تارا ڪَڍي، واءُ وَرَ وَرَ وَڏي،
بَرَسُ ڪيهون ڪَري، اي ڇَمر! ڪَر نہ ڇَلُ!

ڪو پکيءَ جو نہ پَرُ، ٿو ٻري ڪيرٿرُ،
ڇيپَ جي ڇانوَ ۾ ڪيرُ آهي سُتلُ!

واءُ واريءَ مٿان ٿو وَراڪا ڏئي،
ڇو اُڏائو ٿين، ڪا ترائي نہ تلُ!

اي 'اياز' اڄ تہ ڏِس پيرَ پنهنجا پٿون،
ڪا گهڙي ساهہ پٽ، آ ڀري، هڙ ڀُنهل!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

رات جي راتيءَ ڪٽئي قلهارَ آ،
واءُ ۾ ڪنهن سانوري جـبي سبارَ آ.

ڪوُنجَ ڪا اُڏري پٽئي سنجها سمي،
يـا اُفق تي ڪا لهوءَ جـي ڏارَ آ!

يـادِ بندرَ بمبئيءَ جو تو آڇي،
جيءَ ۾ جهرمر ڪٽئي ڪنهن يار اِ.

گوُنجَ آ هر گيتَ ۾ جنهن جيي 'اياز'،
هاءِ سو ڇوُ دوُر آ، ڇو ڏارَ آ!

o

اڄ ڏسي گباڙها ڪڪر آڪاس ۾،
ڌرتيءَ ڪي آسَ آئـي آسَ ۾.

تون ڀري آهين نه ڇا، آهي پنل،
رات ڀـر رابيلَ تنهنجي واسَ ۾.

نيٺ يـادل برسندا هين پونءِ تي،
نيٺ ايندين ڪنهن ڀهيني مـاسَ ۾.

هـي هرڻ ڏاڍو هنيلو هو 'اياز'،
ڪنهن ڀراڻي تڙ نه آيـو پياس ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

هيءَ سيارو، هوا، منهن تي مات!
تيءِ سڏي ڪا وري جڏهن ڪي جاتِ.

رات ڪاري، هيتي هتي جُگنو،
تيزُ ڪائي پٽي ڏيئي جي لاتَ!

وڄُ ڪنهن تي وڃي ڪري ساتي!
آپُ ۾ اوچتو تيا چمڪاتَ.

جي نه ريجهي رڻو، پٽاڪ ڪَل، پاءِ!
نينگري! تو ڪيا گهٽيئي ناتَ.

ڪنهن نه چاتو ته چو هٽيا سترها،
هوءَ آڏيءَ تي 'اياز' اوچا گهاتَ!

o

شاعري جي روحُ گرمائي نه تي،
منزلِ مقصود ڪي پائي نه تي.

گونجُ تنهن جي چا ڪتبي، محبوب جو
ڪونجَ جي پيغام پهچائي نه تي!

گيتُ منهنجو ڌرتيءَ جي دانهن آ،
ڪا گهٽڻ واري ائين گهائي نه تي.

اي پڏي! پاڪار، پانهون هتي! رکو
پريت ڪنهن کي پاڙ پهچائي نه تي.

تو ڪري راڪاسُ راڙا پر 'اياز'
هيلَ تنهنجي سيندُ گهبرائي نه تي.

٥

اگر دائم آهي ته درياهه آ،
گهڙيءَ لاءِ هي گهير تنهنجا هيا.

پنائي! اسان جي پريءَ جهول ۾،
ٻڌوسين به ٿي پير تنهنجا هيا!

اِهو چير چمڪو سڄاڻن پرين،
ٻُڌيي ٻاهران پير تنهنجا هيا.

ٻرو نانهه پنيور اِي پورڙي!
ڏِنه ڏوجهه جن، ڏير تنهنجا هيا.

آڙي ڏيهه! تون شال ترڻانءَ تين!
وِلهيءَ سان وڏا وير تنهنجا هيا:

اچا هانءُ هاريو نه آهي 'اياز'،
نوان روز اندير تنهنجا هيا.

٥

ڪي مال ميڙن، ڪي آڪيڙن ٿا،
ڪنهن ڪونه چاتو ڏُلڙا ٽيڙن ٿا.

منهنجي آڳڻ تي آڪاس-گنگا،
تارا ٻُڏن ٿا، تارا ڪيڙن ٿا.

منهنجيءَ ترائيءَ پائي پار جو،
سڀ روجهه ريجهي، جنهن ٿي ميڙن ٿا.

ٿا گيت منهنجا چاريون وچائن،
ڪنهن گهير ۾ چڙهه گهاتو گهيڙن ٿا.

چا چا چون ٿا ماڻهو آياڻا!
اي ذات، توتسي ڪيڏو چيڙن ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

تو لئہ تکيندي ڏيئا اَجهاڻا،
چــو ڪونہ آئين تون رات راڻا؟

هيءَ هيءَ بسنتو! هي ڦؤلَ پنهنجا
ڪنهن لاءِ آندَوَ سُنهنجي پڄاڻا؟

هيءَ هيءَ گهٽائو برسي نہ بڙسيئہ،
هيءَ هيءَ اَجايل هي پـوڻءُ پاڻا!

اي چنڊ! توکي پهچي نـہ پهتا،
اَڄ گـيـت سُنهنجا ڏاڍو اَڏاڻـا!

سهڪار آهي ڪائي ميٺيءَ ۾،
هي ڪير سهڪيي اَن ۾ سماڻا؟

اي آسمانو، نـيـرا جـهانــو!
ڪيڏانهن وينـدا ڏرتيءَ ڏڪاڻـا؟

رابيل جـا گـل پوئي تـہ آئين،
پر هـارَ ڪنهن کي پـائين آياڻا!

مايوس آهين اي مبنترا چو؟
موسل ڪنـدي آ ڪنهن وقت ماڻا.

اڄ ڪلهہ 'اياز' آ مرهم مهانگي،
۽ گهاوَ تنهنجا آهـن پراڻا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هلندي مايا آپرمپار،
ٻنڀسيءَ وارا ربّ سنڀار!

راتِ تہ ڪاري نانگڻ آهي،
گاروڙي ٿيءِ رات گذار!

ولهه وسي ٿي اوندهه ٿي،
ٿانڀاٽو ٿي ٿاٽو ٽارِ!

توتي ڪاوڙ ڪوهه غلام!
ناهه غلاميءَ جهڙي گارِ.

دور آسارا شاهه، بلوطَ!
تون کي پنهنجو ٻوٽو ٻارِ!

ڪاٺياري جي ڪنهن کي ڪاڻ؟
واهرَ تي ويساهه نہ ڌار!

هر ڪنهن پنهنجو پنهنجو ڪُڙم،
هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي ڪار،

جنهن مِٽيءَ تي مرڻو آهي،
تنهن مِٽيءَ کي ڀرين سار!

ڪالهوڪي جو کهڙو تاءُ،
اڄ کي اجرو سيج اُپار!

هلڻي آهي هردم ويڙهه،
آڏي پنهنجي ڍال نہ ڍار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَر منزل کان، اڳتي وَڃُ!
ڪنهن منزل تي پير نه ٻار!

اڳتي ايندا ڪارا ڪُنَ،
پوءِ به وچڙو آهي پار.

دُنيا جنّت ٿيڻي ناهه،
پوءِ به دوزخ تي ڦِٽڪار.

ڳاڙهي گُل جي خوشبو سنگهه،
۽ پوءِ ڪنڊي تي ويچار!

ٻڌ ٻيلَ ٻئي جي ڳالهه ”اياز“!
پنهنجو پيغمبر ٿي گهار.

اهرمپار— بي انتها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

آڏيءَ آتي تا هڻ گيت جوڙن،
شاعر پکين کان آڳ ۾ پتوڙن!

پيروُن پچن تا ڪاري ڪنڊ ۾،
ڌرتيءَ منجهان تا امرت نچوڙن.

اڄ گيت منهنجا ڇيتي آڇيتي
ماڻو مٿيءَ جو وينا ولوڙن.

هر هر ڪجاوا آئيري آڇن تا،
ڪرها ٻيئي مان تا واٽ ڊوڙن.

ٻيڙي ڳري ۽ اوپرو آئو،
وانجهي وسوڙا تارن نه ٻوڙن.

منهنجي پدر ۾ پيرا پرينءَ جا،
او شل نڌر سان ناتا نه توڙن!

ڪيهانجي چو ڪوري ڪتن ڪان!
ڪاپاٽيون ۽ رنديا نه روڙن!

هيءَ هيءَ 'اياز' آڄ هي جاڳ-سپنا،
تا جيءُ منهنجو سارو جهنجهوڙن!

٥

آڪاسُ نيرو، نيرمل اُجالا!
پَر پَر ڪَلالا، پُورا پيالا!

تولاءِ تُنهنجا سونا سَنگهاسَن،
مون لاءِ مُنهنجي هيءَ مير گهٽ چالا.

ڪويَل چئوي ٿي هيءَ ڪؤڪ ڪهڙي؟
سون گيت ڳاتا سَڀ ڪان نِرالا.

ميهَر ڏسي تو، تارا پِرن ٿا،
سُهڻي سُڪائي تي وارَ آلا.

اوتار ناهيان پر پوءِ بہ مُنهنجي
بَنسي وڄي ٿي گهَر گهَر گُوالا!

سينڌو سُنهري! توکي ڏني مون،
ڳوڙها وهائي، چا ديپ-مالا!

اڄ ڪَلهہ 'اياز' آ هر گيتُ تنهنجو،
انڌيرَ نگريءَ ۾ ڪا جوالا.

٥

رات وارن کي وري چنڊڪو ڏئي،
اوچتو ڪاري گهٽا برسي پئي.

ڇو ڏهر ۾ ٿي وڃن ڏيئو ڪٺي؟
رات ڪارونڀار جي آهي، هٺي!

ڪا گهڙي، سارا جهروڪا بند ڪر!
واهُ ڪيهڙو ٿو ڪري او بي ڇئي!

سيرَ، سٿي، تيزُ طوفاني هوا،
سارُ ساهڙ جي، ڏسائون سرمئي!

تنهن پڇاڻان ڪاڪ کي مان ڇا ڪيان؟
ميندرو مون کي ويو ڪو ڏنءُ ڏئي.

ڪنهن ورڇن جي واسطي، پنهنجي 'اياز'!
زندگي بنواس ۾ گذري وئي.

ڏهر- پٽن جي وچ ۾ ميدان.
سرمئي- سرمي جي رنگ واريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

اجا بہ ٽُل تي هُيا ٽڪانا، اجا بہ ڪي سَنڪَ سارَ ۾ ها،
سِگهي وڃي ٿي، سَٿين لڳين ڪي، بہ چار پڪشو وهار ۾ ها.

عجيب هي آڳريون هُيون جي لهو لهو ٿي ويون ٽُٽبي ٽي،
عجيب هي ولولا هُيا جي. نہ ٽندَ ۾ ها نہ تارَ ۾ ها.

جڏهن اسان خاڪ ٿي وياسين، تڏهن وَسي ماڪَ ميڪدي تي،
رُنو صراحيءَ، ڏنو نہ ساغر، پياڪَ پنهنجي خُمار ۾ ها.

آتاهہ. اُڏما ڏڪار ۾ ها، ڏڪار جا پيار جي سَڪي آ،
سَوين آمر. گيت آدميءَ جا، تہ چانڊنيءَ ۾ نہ پيارَ ۾ ها!

سَجهي ٿي تو کي رُڳو ٽٿولي، سکي! ڏنو مون جڏهن بہ ساڃن،
آواڪَ واڪا اُڪير ۾ ها، اُپار ناتا نهارَ ۾ ها.

'اياز' هر شعر آهہ تُنهنجو ائين جڻين ڪو گُلاب جو گُل،
ڏني نہ بي ڪنهن بہ سُرخ خوشبو، آنيڪ ڀڙتا بهارَ ۾ ها.

٥

تيکا ڪيئن نہ ماري وَيا تاڙ تِرا!
لٿو هَنج کو ڏَند تي لاڙَ ۾،
اسان ذات سان هي ڏِسائون رَڱيون،
ميان، تون تہ پورو هئين ساڙ ۾!
ڪَياسين آيا رَتہ رَيتا جهنڊا،
وياسين مٿي ديس جي ماڙَ ۾،
آياري وَيو آڳ ڪيڏي 'اياز'
بغاوت ڪَري گيتَ جي آڙ ۾!

---

ڏِما طرف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ہ

نه موٽو ڳهڙيءَ لاءِ گهاٽو ڏٺيي،
ڪلالو! وڃو مڌ-ماٽو ڏٺيي.

آڏيءَ کي ڏِٺم ڪيتري پيار سان!
اسان کي آيو اوچ ڳاٽو ڏٺيي!

مستان رات ڪاري، آسؤنهان آسان،
ڇڏي ڇو وئين تون ٻه-واٽو ڏٺيي؟

اُتر اڄ ته ڪيهڙن ڪري ٿو وسي،
ويو سيءَ ڏاڍو سياٽو ڏٺيي.

بغاوت پريا گيت ڳائي 'اياز'،
ڇريءَ کي وئين ڪو ڇپاٽو ڏٺيي.

ہ

ٽنيءَ ۾ گهڙو ڪا پري ٿي هٿي،
ٽري سؤنهن چمڪا ڪري ٿي پٿي.

اِهو ڪانڌ ڪهڙو؟ انهيءَ کي ڏسؤن!
سُهاڳڻ ته ٻهه ٻهه ٻري ٿي پٽي!

آٽي جي هوا ۾ ڪنيا موڙ پر،
ڍُڪي ڍيل هر هر ٽري ٿي پٿي.

ڪرايؤن ڳچيءَ ۾ وجهي ڪانڌ کي،
ڏسي وڄ ونگس ڏري ٿي پٿي.

مٽڪيءَ کي ڏجي ساهه گهوري 'اياز'،
مگر ڇا ڪجي، جو ٻري ٿي پٿي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

پَلا پنڌُ هئن کو اُڀَرو ڀَري!
ٿڌي چانوُ آ، وَڄُ ڏُڀَرو ڪَري!

هَوا! ڪانهَن بينؤن ٻٽائي وڄاءِ،
وَسيهَر اُٿي کو تہ لهرو ڪَري!

اَچا مَٽ مَتو ناهہ، ترسو ذرا،
پياڪو، اَچا رنڱُ ڳَهرو ڪَري!

اسان جو سَدا ڪُنگري تي ڪَمند ـ
پيو تيرُ انداز پَهرو ڪَري.

نئين جاڳ آندءِ، ويو هو 'اياز'!
اڳوٽو غزل ديسُ ڳهرو ڪَري.

o

ويچِ! تون چو نہ ٿو ورائين ٻانهن؟
چا ٻُڌين ڪونہ اوُڏُ ڪيءَ جي دانهن؟

ڏِسُ تہ تَلوار جئن تکا آهن،
تو سُڪايا تہ چا ڪنڌيءَ تي ڪانهن!

هي تَڏي تي اَڪُٽ نڪَت تُنهنجا،
هي جڏو جيءُ، هي آپار پرانهن!

تو سڏي بار بار اَڳاٿو،
۽ چڪي چوهہ مان 'اياز' اَڳانهن.

٥

ٽِتي جسي هوا ۾ گلابي بدن،
ڍِڪي ڪيئن اجرڪ سنڌجو واس وَن!

ميائي بہ مَهڪي مَنجيءَ ڇيٽ ۾،
مُسافر اِهو آهہ مُنهنجو وطن!

نہ 'خسروءَ' ڏٺو هو نہ 'غالب' ڏٺو،
غــزل در غــزل آهــہ پنهنجو چمن!

اهـا سِنڌ ڪعبو بہ، ڪلشي بہ آ،
ڇڙي ڇا بہ ڪو شيخ يا برهمن.

آنهيءَ تي اسان جي خدائي ڪٿي،
نہ فردوس بهتر نہ باغِ عدن.

جڏهن 'ڪُن' چيائون، اسان کي ملي،
اِهائي تہ ڌرتي، اهوئي تہ ڌن!

گُوالي نہ گوپي ڏٺي هيئن ڪا،
ڏسي جي تہ ساري نہ بنسي نہ بن!

اِنهيءَ لاءِ بنواس ڀوڳيون ڀلي،
اِنهيءَ سان اسان جو اٽوٽ وچن!

مُسافر! رکيو نيڻ جي چانئ ۾،
اچي ويهہ سون سان، ڪڏهن نار مَن؛

نہ چائين تہ هن ديس ۾ آهہ ڇا،
تہ سمجهين تہ ڇاتي ڇيو مَن مگن!

هِتي ڪنڌڪ ۾ سنگ سونا ٿين،
هِتي ڌرتيءَ ڪسي روپهري بدن.

هتي هارَ پوئي آتر جي هوا،
هتي ريت جو هر ڪڻو آ رتنُ.

جڏهن تو وسي مينهن جي منڊ ۾،
لڳاتار موتي ڇڻي روز ڇنُ.

جڏهن سينڌُ تي سرمئي راتڙيون،
ڪسي نينڊ نيڻان اسان جي گگن؛

ڏسي چيٽ جو چنڊُ آڪاس ۾،
اسان کي اچي ياد پنهنجو سجنُ.

هتي گيتُ جيئي ويو موت کي،
تنبورو هيو يا پتائيءَ جو تنُ!

اُنهيءَ کي اُڏائي وئي ڇو هوا،
پپل مان ڇڻي جو پيو ڪالهه پنُ!

اُنسي جي هوا آ، تڏا سام آ،
اَلا جهڙ تيو مارئيءَ جو ڪفن!

ڇنيسر به دودو به منهنجو ميان!
ڇوان آءُ ڪيسين اُنهن جو ڇلن!

ڪهاڙي ڏيان ڏوهه ڪهڙو 'اياز'!
ڪپي جڙ اسان جي وڍو ڪالهه گپن.

---

گگن ـ آڪاس.

○

تون نہ آئين، نہ آئين، نہ آئين اچا،
ٿو اسانِ کي پيو آزمائين اچا!

آ گهڙو ڪا گهڙي، ڏرس ٻڌين ٿي ٻڙي!
پريت ميهار سان ٿي نڀائين اچا!

ڪيچَ جا پيچرا مانَ چمڪي پئون،
ٻاهہ ڀنڀور کي جي لڳائين اچا!

سونُ هڪ تاجُ آ، جيڪڏهن عشق ۾،
تون سُري ميرُ آڏيءَ تي جهُڪائين اچا!

اي 'اياز' اُگهہ اکيون، جي وڃيا سي وڃيا،
پڙ ڪين جا پيو تون پڇائين اچا؟

○

ڪيچ ڏي آءٌ ڇو ٿي ڪَهان اي ادين،
ڇو نہ ڀنڀور جي ٿي رهان اي آديون!

هڙ پنهون، جو پَراهون ٿيو اوچتو،
سڙ تنهن نہ ڪيسين سَهان اي آديون؛

راهہ ڪائي نہ آ، واهہ ڪائي نہ آ،
ڪن ٻهڻ ٻَٻرَ جا هڙن نہ هان اي آديون!

هو ڀري جو ويو سينڌ سيندورَ سان،
ناهہ پئي مان ڪري، ڪئن نهان اي اديون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ٿيي ماڪَ وَسي ميخاني تي، ڪِي رِندَ ڪڙو ڪڙڪائن ٿا،
ڪُجهہ ڳاٽ ڳِهڙ مان چرڪن ٿا ۽ جامَ جهلي واجهائين ٿا.

موُن، سُهڻا! تُنهنجي ساڪَ ڪني ۽ لوُئيءَ تُنهنجي لاڪ هَني،
سي ڪانئر ٻي ڪنهن ڪُڙم مَنجهان، جي پريت ڪري پڇتائن ٿا.

ڪا هِرڪَ نہ هارِي هوتن تي، هي پَنڌ نہ آهي پوٺن جو،
ٿا ڏاڍا ڏُونگر ڏيکارن، جي پيچُ پيارَل پائن ٿا.

ڪِي ڪَنڌَ جهڪائي ڪَنڌيءَ تي، ٿا پاڻ ڇُپائن چوهي ڪان،
ڪِي وانجهي سِيرَ وَسائن ٿا، دَرياهَ جڏهن دَڙ لائن ٿا.

هِين شيشي-گهر جا دَروازا، نادان، اگر ڀوڳين ٻہ ٽہ ڇپا!
پٿر تہ پري، پوُري گهڙ ڪي ڪُجهہ ٺهڪ رُڳا ٺڙڪائن ٿا.

آ مَهڪ هوا ۾ ميندڙيءَ جي، سي گهوٽَ اُچن ٿا گهايل ٿي،
جي لالُ لَهوءَ ۾ ليٿڙجي، اڄ رُت جي ريت نڀائن ٿا.

ڪِي پَنهنجي پَٽو ۾ پُٽڪن ٿا، ڪي ڪانيارا ٿي ڪُٽڪن ٿا،
ٿو چوري چنگَ 'اياز' اَتي، جِت ڳاڙها گيرو ڳائن ٿا.

---

دَڙ- زور سان، وري وري اُٿندڙ آواز.
پوٺو- ميدان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵

جهڙي هاڻ نه هارين کوهيارل! هي ڏينهن به گهاري ويندا سين،
چو پير پٽهاري وينو آن، اُٺ! ڏونگر ڏاري ويندا سين.

ڪنهن لاءِ تڪين ٿو ڪنڌيءَ تان، بس پيڙي ڪا به نه آچڻي آ،
جي تون به آچين او وڻجارا! توکي به آڪاري ويندا سين.

درياهه اندر جا دهشت آ، ڪنهن وقت قيامت ٿي ويندي،
تون مان نه رڳو هن سنڌوءَ تي، ڪا لهر آياري ويندا سين.

ڪا جهرمر جهرمر جگنوءَ جي، ڪا ٽمرٽم ٽمرٽم تاري جي،
گهنگهور گهٽا جو گهيرو آ، ڪنهن جي نه سهاري ويندا سين.

آ مرڻو... هر ڪنهن ماڻهوءَ کي، پر هيئن نه مرنداسين ساٿي!
ڪا باهه لڳائي ويندا سين، کو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

تون آءُ نه اوريون اوڙاڻا، ڇو تجيءُ سهپي هي جهوراڻا؟
تون ڇا ڪاڻ ڇرڪين ٿو راڻا! اڄ ڪاڪ ڪناري ويندا سين.

ڇو گهبرائين ٿو ڪوٽ ڏسي، هي اوچي اوچي اوٽ ڏسي،
زندان آڏائي ويندا سين، زنجير پگهاري ويندا سين.

تنهن وقت به مون هي ڄاتو هو، هي ڪاريهر سان ناتو هو،
جي هائي سنات سڃاتو تو، هي ماري ماري ويندا سين.

تون ڪر جو توکي ڪرڻو آ، هي دور به نيٺ گذرڻو آ،
ڪنهن وقت ڏهيسر مرڻو آ، بنواس گذاري ويندا سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

طوفان اچا تہ پري آهي-

ڪو واءُ لڳي وڻ ڏوني ٿو،
۽ ڇڻ ڇڻ پنَ ڪِرن ٿا پيا؛
آ ڪڙ ڪڙ، ڪڙ ڪڙ ڇڪڙي ۾،
پر ڦيٿا پيو بہ ڦِرن ٿا پيا.

ڇا لاءِ وچين ٿو ڇڪڙي ۾،
تون ٻيهي ناڪي ناڪي تي؛
۽ هيڏيءَ هڙ ۾ ڪوٺر پڙي،
ٿو ڇرڪين جهاڪي جهاڪي تي!

طوفان اچا تہ پري آهي-

پر تيز هوا جي گهوڙي تي
هو اچڻو آ، هو اچڻو آ؛
هر قدم ڦرندي ڊهڻو آ،
۽ ڪونسي ممڻ مچڻو آ:

هيءَ ڪوٺر آڏاٻي وچڻي آ-
تون پنهنجا ٻولَ ٻچين تہ چڱو؛
۽ تيز هوا جي گهوڙي تي،
تون هن سان پيلهہ وچين تہ چڱو!

---

ٻولَ ٻچڻ- وهم مٽائڻ، خوف دور ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-
سون ڪيئي ڏوهہ ڪيا آهن!

هين سرَ جي ڳدلي سينور ۾،
هي نيل-ڪنول ٻہ تہ ڏوهي آ؛
۽ ڪوبہ چڪور انڌاري ۾،
جي آڏري ٿو تہ دروهي آ-
هي ڏوهہ نہ آهي، ماڻهوءَ جي
سون مِٺي پيهر ڳوهي آ!

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

هي ڏوهہ نہ آ، آڪاس چڙهي
مون پريت لڳائي ڌرتيءَ سان؟
هوءَ سانجهي جا ست-رنگ هٽي،
مون ڪانہ قبولي سيجَ ڪنان-
ٿو آڳم-آڳم ٿي آيران،
۽ ڪيرٿا ڪيرٿا ٿي برسان.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

هوءَ ڏڍتا تنهنجيءَ ڌرتيءَ جا،
پوءِ صوفي ها يا جوڳي ها!
مون ڳهاتي ٻڙ جئن ڇانوَ ڪئي،
هوءَ ٺانگر سارا نوڳي ها-
سون روز سڳهارا گيت چيا،
هوءَ راڳي تنهنجا روڳي ها!

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

هيءَ ڳاڙهي ڏاڙهي مُلان جي،
هيءَ ڪاري چوٽي پانڊي جي-

مون لاءِ پنهي ۾ ڦير نه آ،
ٻئي آڳ اُجهاٽل ٽانڊي جي-

سڀ دين ڌرم جي ڌوڪي ۾،
ٽا ڪوٽ ڀرن ڪاٺانڊي جي.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

هي ڏوهه نه آ، هن ڌرتيءَ تي
ڀون دل جي ديوَل جوڙي آ؟

تو نفرت جي ديوار ڪئي،
مون اُن جي ڀاڙ اُکوڙي آ-

مون ڳاتا گيت محبت جا،
مون واڳ وطن جي موڙي آ.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

تو سڌُن ڏيان هر سڌ ڪي ڪي،
توڻ جاڙ ڪرين، مان ماڙ ڪيان؛

تّون چيتي جئن چنگهاڙ ڪرين،
مان راڳي وانگر راڙ ڪيان-

مان تنهنجو وچتر ويري هان،
تو توتي ترڇي تاڙ ڪيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

تون ٻيون جهونئو پت - جهڙ جو،
مان ڳاڙها ڪپ بهارن ۽ جا؛
تون چوٽ نه لائين پاڇي کي،
مان ڳايان گيت چمارن جا!
جيت ڪٽڻ ڪڙهي، جيت لوهه رجي،
آت ڏرٽا ڏنوٽي ۽ وارن جا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

سون گيت چيا ها ڪويل تي،
ڪلهه ڪيسوڦل جي تارين جا؛
تو جهرمر جهرمر گيت چوان،
اڄ جهڙمر جهڙمر سارين جا-
ڪي گيت ڏجهايل ڏاتن جا،
ڪي گيت هپايل هارين جا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

جنهن وقت اٻن ۾ آوسر تي
ڪي آسرونده اچن تا پيا،
۽ آنڌيءَ مانجهيءَ اوٻر ۾
هي ساوا گيت پچن تا پيا،
تو آءٌ وڏي ويڙهاند ڏسان،
۽ منهنجا انگ نچن تا پيا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

جنهن وقت لٽڪن ۾ لوساٽيل
انسان ڪِـاين .مـان نڪرن تـا،
جنهن وقت ڏکن ۾ دونهاٽيل
مزدور ميلين مـان نڪرن تـا،
مـانِ پنهنجي تنَدُ تپايان ٿـو،
۽ درد دلين مان نڪرن تـا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

مون آزاديءَ جـي ٻسٽن هنٽي،
مون لاٿـا طـوقَ غلامن جـا،
هي گيت هيا يـا جادو ها،
زنـجـيـر ٽٽـا ايـامـن جـــا!
سڀ موتـي سمجهي چوندن تـا
اڄ گوڙها مُنهنجي دامـن جا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

مـوَن ذات انوکـي آنـدي آ،
تـي تند وڙهـي تلوارن سـان!
تڪرايان پنهنجا گيت جـڏهـن
تـو آءُ سنڌ ديـوارن سـان،
تـا تنهنجا يـاري بُرجَ لٽڏن،
تـون هيـٺـو آن هٿيارن سـان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

تون مون کي ڦاهي چاڙهيندين،
مان توکان مڙر نه مرٽو هان-

گنهگار ڪندي جا مون ڪان پو،
تنهن جندڙيءَ جو مان جهڙو هان-

پيو چارڻ ٻڌجي، چنگ ڪٽي،
مان ورٽو هان، مان ورٽو هان.

سي پهرين ڏوهي سڄڻ ٿا،
جي ڏاها ڏيهه-ڏيا آهن.

مون ڪيئي ڏوهه ڪيا آهن،
مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

---

راڳو- شينهن
ڪيسوڦل- سنڌ جو هڪ وڻ، جنهن ۾ نهايت رنگين گل ٿيندا آهن، جن مان رنگ ناهيا ويندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

چا سوچان ٿو مان، ڪيئن چوان!

جيئن جَرَ-ڀُرچارو سُپني سان
جاڳي، ۽ شور سمندر جو
هُن تي ساڀيا جا وارَ ڪَري.

جئن سُندر ناري ڦولن سان
پهچي، ته پروهت مندر جو
پَٽ ڳولڻ کان انڪار ڪري.

جَنهن وقت به پنهنجي ديس اڳيان
ٿو اوريان ڏکڙو اندر جو
ٿو مون تي ڪن-لاتار ڪري.

چا سوچان ٿو مان، ڪيئن چوان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

’تون ڪير؟‘
’اڙي مان رومي هان!‘
’اي رومي! مون کي وقت نه آ،
’ٻي وقت ڪڏهن، ٻي وقت ڪڏهن!‘

’تون ڪير؟‘
’اڙي مان تلسي هان!‘
’اي تلسي! مون کي وقت نه آ،
’ٻي وقت ڪڏهن، ٻي وقت ڪڏهن!‘

’هن پٿر ۾ اڄ نيٺ وڃي،
’مون ڏورا ڏاري، جان وڌي!
’اڄ آهه تصور روپ ورتو،
’اڄ منهنجي ڌرتي آ مرڪي!

’هيءَ مرڪ سنورٽي آهه اجا،
’ڪا ريکا پرٽي آهه اجا،
’هي روپ نيکرٽو آهه اجا،
’ڪا منهنجي ڪرٽي آهه اجا.

’اي رومي! مون کي وقت نه آ،
’اي تلسي! مون کي وقت نه آ،

’ٻي وقت ڪڏهن، ٻي وقت ڪڏهن!‘
’اي راڳي! مون کي وقت نه آ‘-

---

رومي- فارسي شاعر، جلال الدين رومي.
تلسي- هندي شاعر، تلسي داس.

٥

اڄ ڳوڙهي جيئن مينهن وٺو،
ڪي هٿڙا دعا ڪان ٿا ٻان ڪن؛
ٿا دور ستارا ٽم ٽم ڪن،
۽ در تي ڏيئڙر ٽان ٽان ڪن—
اي ماءُ! اڄا ٻه ٽه آرهڙ ۾

هُو ڪونه آيو!
هُو ڪونه آيو!

سون روز مڃر جي تارين جا،
ٿي ڏيهه لڳايا آڱر ۾!
هُو ڪرهو ڪاهي اچڻو هو،
پر منهنجي ڪائيازي ڪُر ۾—
اي ماءُ! اڄا ٻه ٽه آرهڙ ۾

هُو ڪونه آيو!
هُو ڪونه آيو!

سون هُن لٺم ڇا ڇا سيءَ سٺا!
ڇا ولهه ڪيا وسڪارا ٻها!
او شال! اچي هُو آرهڙ ۾،
سون روز ڳجهيءَ ۾ ڳارا ها—
اي ماءُ! اڄا ٻه ٽه آرهڙ ۾

هُو ڪونه آيو!
هُو ڪونه آيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هي بيتُ آٿيي، هي بر ڳنولو،
جيڪي ٻڌ ڪٿين، جيڪي ٻه ڪٿين!

سون لاءِ ٻنهي ۾ فرق نه آ،
هي بيتُ ٻه ٻم جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ راتِ ڪيا راڙا،
تنهن هڏ ۾ چمر جو ساٿي آ—

هن بيتُ پيڇي ڦهلاءَ مثان،
جا ضرب هٿئي، سا ڪاري آ؛
هي بيتُ آنهيءَ انباءَ مثان
بيدرديءَ سان بمباري آ،

جو ماني تنهنجيءَ پنديءَ مان
هر روز ڪٽن جي وات وجهي،
۽ تنهنجا گيت چٽي تو ڪان،
تنهن ڪوڙي تنهنجي ڏڳ کهٽ تي—

هي بيتُ ڪٿيهه جو بيتُ نه آ،
سون آن ۾ ڪو پيرڻو آهي!
تو اڄ ته ڪيئي بيتَ ٻڌا،
تو وهم جيهه ڏڪ پڙهه آهي—

تون پڙ ک تہ هين جي قوت کي،
هن ڪيئي قلعا مسمار ڪيا؛

انڌير نگر جي ٻرجن تي،
مون اُن سان ڪيئي وار ڪيا.

هي بيت آئي، هي ٻر-گولا،
جيڪي ٻہ ڪٿين، جيڪي ٻہ ڪٿين!

---

مسمار ڪيا- ڊاهي ڊير ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

دل روز ڇو ٿي دور وڃان،
مان پوپاڙيءَ جي پنڇيءَ جان؛
ڪنهن ڀوري ناسي بادل تي!

هي ماريءَ ٿي هر وقت آلر،
هي شعلا منهنجا ٻرَ
ڇا جيءُ جلي ٿو جهل پل تي!

ڪٿ ويريءَ جي والار نہ آ!
ڇا آ جي ڪابہ آڌار نہ آ
هن هيڏي ساري جل تل تي؟

ڪنهن وقت سڏي ٿو سينگ سڃي،
ڪنهن وقت وڄائي چار وڃي،
آ ڀهرو منهنجي پل پل تي.

ڇا، ماريءَ جا تارا نہ ڪيان؟
ڇا، دل جي ڳالهہ مڃي آڌران،
ڪنهن ڀوري ناسي بادل تي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

کوناريءَ جڏن ڪيٽي بندر،
سانجهيءَ سونُ پکيڙيو آهي،
آ ڪپل، پاچل، وادي، ڪُنڀيءَ تي،
پيڙيءَ پيڙيءَ هاريو آهي-

رنگُ شفق جو گوڙها گوڙها،
چڻ ڪا سڙئا ڳانءُ ڏيي ٿي،
ڏيري ڏيري پرَ ٿي، ٻرَتي،
ڪاري ڪُنڊي رات لهي ٿي-

چانهه-چُڪي پي، ٿاڻي-مُنشي
قيدي واڙي ڪُجهه سوچي ٿو-
'چور تہ ناهي، ها پر....' ۽ پو
واتُ لئاڙي ڪُجهه سوچي ٿو-

'هين جو پيءُ سُپاڻي پنهنجا
'ڏورَ ڏيا سڀ وڪڻي ايندو-
'ٿاڻيدار گهرُيا ٿي سٺ سوَ،
'مان پانيان ٿو ٿي سوَ ڏيندو!'

واهيري جي ويرَ پيل ۾،
ٻويان پنڇي چوُن چوُن ڪنَ ٿا،
سارو ڄڻ تڙ سانت پيو آ،
گهرَ گهرَ مڇَر ڀڻ ڀڻ ڪن ٿا-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

لاڙي وينگس

ڇڄهُ چڙي، ٿي-

اَنهُ-ڪڻ تي اُڏري آئيل

ڪانوُ ٽڙي ٿي-

هُن جا ٽيئي پار ٻڪايل،

ڏيءَ رڙي ٿي-

هيل بہ ترِ ۾ سوڪهڙو آ،

پوک سڙي ٿي-

ڏِسُ تہ وڏيرو آ، وهڙو آ!

گهات گهڙي ٿي-

باک ڦٽي ٿي،

شامِ لڙي ٿي-

لاڙي وينگس ڇڄهُ چڙي ٿي.

## ٥

## (ويڙهاند کان پوءِ)

واڙيءَ ۾ ويڙهاند ڪيائون،
رتّ رتائون ناڙيءَ تي....
چنبُ گهتا ۾ ڳائون مائون،
ريتو رتّ کهاڙيءَ تي-

لالُ لهوءَ ۾ ٽبڪا ٽبڪا
توريءَ وَل جا پيلا گل،
واءُ وڻن ۾ سڏڪا سڏڪا....
هاءِ ڪيسانو! ڪيڏي پَل!

چوڙي چيڪَ ڪٽا آيو آ
ٽاٽيدارُ آٽالي سان،
اڄ اُجهائي هڙ وڃڻو آ،
ريٽي رتُ جي پيالي سان-

هُن کي نه ڏني جنهن ڏرُ به وڏي،
سا ڏوهي اڳرائيءَ جي-
تو چنبُ ڏسي ڄڻ سِيس ڪٽي،
ڏي-وٽُ پيسي پائيءَ جي-

ڏوهي هڻنيدي ڏور وڏيرو
مڙڪي وينو ماڙيءَ تي....
چنبُ گهتا ۾ ٻيرو ٻيرو،
ريٽو رتّ کهاڙيءَ تي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

## [جلاوطن ساٿيءَ جي موت تي]

اُڏرئي نيي طوطي وچ پيئي نيي وڻ تي،
مُدت دني وچڙي آئي جنڊڙي ٻرڻ تي،
آلا لوابي........

(هڪ سرائڪي لوڪ گيت)

---

موت تنهنجو جلاوطن ساٿي!
ياد آيو تہ دل پيڄي پيئي....
اوچتو ڪنهن پهاڙ جي ڇاتي
ڇيت ِ جبي ڇڙت ِ سان ڇڄي پيئي!

ڪنهن ڪئي جو پنر جنم جي ڳالهہ،
تهڪ گهنجي نيڙي نهوڙي ويا،
لڙڪ منهن تي لڙي نہ آيا ڪالهہ،
جيءُ جهوبي ويا جهنجهوڙي ويا.

ڪيئن چئجي ڪڏهن هوائن ۾
تي ميٺيءَ سان وري مڪا ميلو!
ڪير ڳولي وڃي گهٽائن ۾،
سير ۾ جنهن پڄي پيو نماڻو!

منهن مٽائي ويئين وڃڻ وارا!
موت آسان، زندگي مشڪل-
دور آڪاش ۾ رلڻ وارا!
ڌرتيءَ جي گهڙي گهڙي مشڪل.

اڄ ڪڙايون لهو لهو آهن،
پو بہ زنجير نيٺ ٽٽڻو آ؛
ٻاڦرئي ڪنڌ تي بہ تا ڪاهين
پير پنهنجا، تہ پنڌ ڪٽڻو آ.

جي سڃاڻي قدم کڻي پنهنجا
ڪاٻہ منزل، تہ تون ڪٿي هوندين؟
هاء، منهنجا جلاوطن پيارا!
جي گهڙي ڏِل، تہ تون ڪٿي هوندين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵

[قولان ماچائي]

ڪاري جي ڏوري ۽ ماڇر جي چوري، ٻنهي جو
انت ڪنهن به نه لڌو آهي_ هڪ چوڻي.

---

قولان هڪ ماچائي هئي،

ڳاڙهي چٽيت اڇي ۽ ڦاڙي ۽ سان
ڳربي ۽ تي پابندي هئي؛
سيج ڪٽني ۽ سان ايندي هئي جنهن،
ميائي مهڪي ويندي هئي.

نيرڙ مٿان هوء ويندو ناهي،
ڏينهوڙي نه ڏيکيندي هئي_
رمتو، متمتو، خانو، خيرو،
ڪنهن کي وجهه نه ڏيندي هئي.

هس ڏٺائين ڪاٿي ڪاٿي هالورا
چا چا ننڍي ۽ نيٺي ۽ تي!
روز آڏي ۽ تي اٿن ايندي هئي،
ڪونج لهي جئن ڪيٺي ۽ تي.

پوء ڪندي هئي پيرا پيرا
وڃ ڏئي سينگاري ۽ کي،
آچايندي هئي آچا چاتن،
سيج روپهري ۽ واري ۽ تي.

سانجهيءَ جو هوءَ سونيون سُرڪيون
پر تي چمڪائينديءَ هئي،
ڪينجهر جي مَدمست هوا ۾
ڏوُر ڏسي ڪيائيندي هُئي.

ڪَر ڪَر جو هُنَ ٻالڪ پڌي هئي
نوريءَ جام تماچيءَ جي،
سوچيندي هئي، 'اڇو آهي
جهونجهڪڙي جو جهومر تي....

'هن جو سيج سمان ٻيرين آ،
'نيٺ تہ تڙ تي اڇو آ!
'پنهنجا جيءَ جواهر سانديءَ،
'تيسين مون کي ٻچڙو آ۔

ڪينجهر نيٺ هندورو ٿيندو،
جي ڪا اَنبر هيٺ لڳي!'۔
هرڪ تہ هُنَ تي هر ڪنهن هاريو،
پر بہ پرولي ڪنهن تہ ڳڇي.۔

ڦولان ڪنهن جي راڻي هئي؟
ڦولان، سچا مانائي هئي آ۔

وينئو۔ وارن جو ڇاو، جو نينگريون نيرڙ تي لڙڪائينديون آهن.
ها!ورا۔ چلڪا.

o

[ ٻه ساٿي ]

ڪاري رات، ڪُوري ڦڙ ڦڙ،
ويرو تارن رهتي آ رم جهم....
ٽپ ٽپ، ٽپ ٽپ، ٽم ٽم، ٽم ٽم،
ُهن پاسي مڙا! هن پاسي مڙا!

ُهيءَ گهٽي آ هُن جي گهر جي،
ُايڏو ڏاڍيان ٺڪ ٺڪ در جي!
ُننڊ پيو آ... اُف، هي ڇا هي؟
ڪُجهه ٻه ٽي، وڻ جو پاڇو آهي،

ڪاري رات، ڪُوري ڦڙ ڦڙ،
ساري رات رهي آ رم جهم....
ٽپ ٽپ، ٽپ ٽپ، ٽم ٽم، ٽم ٽم،
ُچُپ! ايڏو لُڙا! چُپ! ايڏو لُڙا!

ُرستي تان هو ڪير وڃي ٿي؟
ُسرڪاري جاسوس لڳو ٿي!
ٺڪ ٺڪ! ٺڪ ٺڪ! ُننڊ پيو آ!
ُهائي ڇا ٿي؟ ڏيڊ وڃو آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جھڙ جبہ ڏاڍو گھاٽو آهي،
چڱ کو وهم جو ماٺو آهي؛
پيالو آهي ڦاٽو آهي!

ھائو، جهڙ به تہ ڪارو آهي!
جگنوءَ جوت نہ تارو آهي....
چڙ کو هناڻي چارو آهي!‘ ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

ڪارو ڪانگ پريان پڙنم ۾
آئينو آهني، آئينو آهي-
مون کي گهوري ماٺ ڪڙو آ،
هونءَ ته هو وڏ-واتو آهي.
شايد سوچي ٿو ته اڇا مون
گيت اڌورو ڳاتو آهي.
شايد سوچي ٿو ته اڇا هي
انڱ انگ نه ماتو آهي.
ڇڻ ته ڪنياتو ٻاتو آهي!
پوءِ به ڏاڍو آتو آهي-
ڪارو ڪانگ پريان پڙنم ۾.

۵

ڳهايل سوار ڪي

ڪارا ڪميت تون

ڪيڏانهن نينديـن؟

اوچي پهاڙي، ڏاڳها ته ڏيرا،
چارا هچارا، ٻاڏي نه پيرا،
پٿر پراهان ترچا تکيرا،
آ روهه رانيو، ٿيي سانجهه ويرا....
اڄ شهريار ڪي
ڪارا ڪميت تون
ڪيڏانهن نينديـن؟

گهڙ گهٽ هوا جا ڪڪرا اڏائن،
ڇڻ ڳرڙ ڪيئي تا ڦڙڦڙائن؛
تنهنجي هني تي هاڃا وڌائن،
۽ گهاو هن جا ويتر چڪائن....
هين بيقرار ڪي
ڪارا ڪميت تون
ڪيڏانهن نينديـن؟

---

ڪميت ـ ڪارپ مائل ڳاڙهو ناسي گهوڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

o

هو چوَن ٿا ـ

تون وڏو غدّار آهين،
زندگيءَ سان پيار آهين،
موتَ کان انڪار آهين!

ديس سارو خودڪشيءَ جو
جيڪڏهن سوچي، تہ تون ڇو
تو جهلين اُن کي اڪيلو!
ڏينهن ڏي تو ڇو، ڏنو؟
رات قسمت جو ڇنو آ،
موتُ هرڪنهن کي مِٺو آ ـ
تون وڏو غدّار آهين،
تو آڪيلا ٿاهہ ٿاهين،
۽ نرالا چاهہ چاهين!

مان چوان ٿو ـ
زندگيءَ سان پيار آهيان،
موت کان انڪار آهيان،
انَ ڪري غدّار آهيان!

ديس سارو خودڪشيءَ جو
جيڪڏهن سوچي، تہ پو ڇو
مان جهليان اُن کي اڪيلو؟
ڪنڌ جو ڪو سَڌ آهي،
موتَ تي ڪو مَڌ آهي،
جو هنن سان گَڏ آهي!

ڇا، هنن سان ٿاهہ ٿاهيان،
۽ هنن جا چاهہ چاهيان،
جيڪڏهن غدّار ناهيان! ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

جت لُڪَ لڳي، جت آڪَ تپن،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

جت سيجَ ڦُلا ٿي نڪري ٿو
۽ آگ اُلا ٿي نڪري ٿو،
جت ڏينهن ڪڙهائيءَ جيئن ڪڙهن،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

جت ڪاري اُسَ ڪنواٽن تي،
۽ ويڙهيچن جي واٽن تي
ٿا واريءَ جا وسڪارَ ٿين،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

جت ماڪڙ ماڪڙ ٻوٽن تي،
۽ گرم هوا جي جهوٽن تي
ٿا جهانگيڙا جهونجهار جين،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

جت آنڌ آڪَس ۾ گهارن ٿا
۽ ٽيڙڪي ٽاٽو ٽارن ٿا،
جت مينهن-ڦڙيءَ جي لاءِ مرن،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

جت ڪيئي صدين سالن کان،
پنولارن کان پاتالن کان،
ٿا ڌرت آچن، ڌهڪاوَ پون،
سو ديسُ مسافر، منهنجو ڙي!

ڪو ساوڻ نيٺ تہ وسڻو آ
۽ گاهہ گسن تي گسڻو آ،
جيت نيٺ ڪڏهن ولهار وسن،

سو ڏيسُ مسافر، منهنجو ڙي!

آ آسُ اِها هڪوار وسن،
۽ جَر ٿَر ويروتار وسن،
۽ ٻاڏل ٻَرسي ٻَسُ نہ ڪن!

سو ڏيسُ مسافر، منهنجو ڙي!
سو ڏيسُ...........................

---

ٿيلاڀ واريءَ جا ڍڙا.

٥

[پہ واڪا]

ڪٿي تہ پڇبو تڪڙ
مسافر!
ڪٿي تہ پڇبو تڪڙ!

آڌي رات، اُنڌ ۾ ڪانيون،
اکيتان چوهڙ لڪڙ
مسافر!
ڪٿي تہ پڇبو تڪڙ!

راڳي وانگر واءُ رڙي ٿو،
ڏورانهين ڪان ڏڪڙ!
مسافر!
ڪٿي تہ پڇبو تڪڙ!

آيرو آيہ، ڪنوڻ جو ڪچڪو،
هاڻ اڪيلو آڪڙ!
مسافر!
ڪٿي تہ پڇبو تڪڙ!

.... .... ....

ساڻهو آ ڏونگر ڪان ڏاڍو—
جي ڪو تو کي شڪڙ!
مسافر!
ڪٿي نہ پڇبو تڪڙ.

آڌي رات، اُتر ۾ ڪانيو،
اڳيان، چوٽيءَ لڪ ۾
مسافر!
ڪٿي نه پيچبو ٿڪ ۾
مسافر!
ڪٿي نه پيچبو ٿڪ ۾

---

چوٽيءَ لڪ ـ هڪ اوچي لڪ جو نالو، جنهن مان لنگهي، ٿاڻي بولا خان ڏانهن وڃبو آهي، ۽ جنهن جي اُتر ۾ ڪانيو پهاڙ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com